رمضان المبارک1444ھ/اپریل2023ء

ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن

اعتڪاف هڪ روحاني انقلاب

مفتي محمد قاسم عطاري

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ عَهِدْنَاۤ اِلٰۤى اِبْرٰهٖمَ وَ اِسْمٰعِیْلَ اَنْ طَهِّرَا بَیْتِیَ لِلطَّآىٕفِیْنَ وَ الْعٰكِفِیْنَ وَ الرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ﴿۱۲۵﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان ابراهيم ۽ اسماعيل کي تاڪيد فرمائي ته منهنجو گهر طواف ڪرڻ وارن ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ رڪوع ۽ سجدا ڪرڻ وارن لاءِ خوب پاڪ صاف رکو.

(سيپارو: 1، سورت بقره: 125)

تفسير: حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السّلام کي حڪم ڏنو ويو ته خانهءِ ڪعبه ۽ مسجدِ حرام شريف کي حج، عُمرو، طواف، اعتڪاف ڪرڻ وارن ۽ نمازين جي لاءِ صاف سٿرو رکن. اهو ئي حڪم تمام مسجدن جي مُتعلق به آهي ته اتي گندگي ۽ بدبودار شيءِ نه آندي وڃي، هي سنّتِ انبياء آهي. آيت جي لفظن مان ظاهر ٿيو ته مسجد جي مقصدن مان اعتڪاف جي عبادت به شامل آهي ۽ هي ته اعتڪاف گذشته امّتن ۾ به رائج هو.

اعتڪاف جي لغوي ۽ شرعي معنيٰ

لغوي اعتبار سان ڪنهن شيءِ جي طرف پنهنجي توجه وڌائڻ ۽ بطورِ تعظيم انهيءَ کي لازم پڪڙڻ ”اعتڪاف“ آهي ۽ شرعي نقطهءِ نظر سان مسجد ۾ الله پاڪ جي عبادت جي نيّت سان ترسڻ اعتڪاف آهي.

(مفردات امام راغب، ص 579)

اعتڪاف جو حڪم

رمضان جي مهيني جي آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ”سنت مؤكّدة على الكفاية“ آهي، يعني جيڪڏهن شهر يا پاڙي ۾ ڪنهن هڪ ڪري ورتو، ته مطالبي کان بري الذمه ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن ڪنهن به نه ڪيو ته سڀ گناهگار ٿيندا. اعتڪاف جو هڪ حڪم قرآنِ مجيد ۾ هيئن بيان ڪيو ويو آهي:

وَلَا تُبَاشِرُوْهُنَّ وَاَنْتُمْ عٰكِفُوْنَ ۙ فِی الْمَسٰجِدِ ؕ

ترجمو کنزالعرفان: ۽ عورتن سان صحبت نہ ڪيو جڏهن توهان مسجدن ۾ اعتڪاف ۾ هجو.

(سيپارو: 2، سورت بقرة: 187)

اعتڪاف سنتِ نبوي آهي

جيئن تہ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي تہ رسولُ اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جو آخري ڏهاڪو اعتڪاف ۾ گذاريندا هئا. (مسلم،ص461،حديث:2782) ۽ فرمايائون تہ جڏهن آخري ڏهاڪو ايندو هو تہ رسولِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوب تياري فرمائيندا هئا، سڄي رات پاڻ بہ جاڳي ڪري اللہ جي عبادت ۾ مشغول رهندا ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ جاڳائيندا هئا. (بخاري،663/1، حديث:2024) وڌيڪ فرمايائون تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جي آخري ڏهن ڏينهن ۾ عبادتِ الٰهي ۾ جيڪا محنت ڪندا هئا، ان کان علاوه ۾ ايتري محنت نہ ڪندا هئا. (مسلم،ص462،حديث:2788) ۽ مسند احمد ۾ آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جي پهرين ويهن ڏينهن ۾ عبادت بہ ڪندا هئا پر ڪجهہ آرام بہ ڪندا هئا، پر جڏهن آخري ڏهاڪو شروع ٿي ويندو هو تہ پهريان کان بہ وڌيڪ عبادت ڪندا ۽ تياري پڪڙي وٺندا هئا.

(مسند احمد،481/9،حديث:25191)

اعتڪاف ثواب جو خزانو آهي

جيئن تہ سيّدنا امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان حديث روايت آهي تہ جنهن رمضان ۾ ڏهہ ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو، تہ چڻ ان بہ حج ۽ بہ عُمرا ڪيا. (شعب الايمان، 425/3،حديث:3966) ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص اللہ جي رضا جي لاءِ هڪ ڏينهن اعتڪاف ڪندو آهي، اللہ پاڪ ان جي ۽ دوزخ جي درميان ٽن خندقن جو فاصلو ڪري ڇڏيندو آهي، هر خندق مشرق کان مغرب جي درميان جي فاصلي کان وڌيڪ ڊگهي آهي.

(شعب الايمان، 424/3،حديث:3965)

اعتڪاف جا فائداءِ مقاصد

اعتڪاف جو تمام وڏو مقصد ۽ فائدو تہ گناهن کان دوري ۽ عبادت ۾ مشغوليت آهي ۽ هي فضيلت خود حديثِ پاڪ ۾ موجود آهي، جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مُعتڪف (اعتڪاف ڪرڻ وارو) تمام گناهن کان رڪيل رهندو آهي ۽ ان کي عملاً نيڪ اعمال ڪرڻ واري جيان مڪمل نيڪيون عطا ڪيون وينديون آهن. (ابن ماجہ، 365/2، حديث:1781)

مُعتڪف هي ذهن ۾ رکي تہ اعتڪاف جو سڀ کان بنيادي مقصد پاڻ کي عبادتِ الٰهي، نوافل، تلاوت، ذڪر ۽ يادِ الٰهي کان غافل ڪرڻ واري هر عمل کان پاڻ کي پري ڪري وٺڻ آهي، جنهن کي قرآني الفاظ ۾ هيئن چئي سگهون ٿا:

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَیْهِ تَبْتِیْلًاؕ﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي ربّ جو نالو ياد ڪر ۽ سڀني ڪان جُدا ٿي فقط انهيءَ جو ٿي رهه.

(سيپارو: 29، سورت مزمل: 8)

جڻ اعتڪاف ۾ انسان تمام مخلوق ڪان خاص ڪري قلبي ۽ ممڪن صورت ۾ ظاهري تعلق ختم ڪري پنهنجي خالق ۽ مالڪ سان رابطو جوڙي وٺي. هن سچي عمل جو نتيجو هي ٿئي ته معتڪف جي دل ۾ محبتِ الٰهي پيدا ٿئي، تلاوتِ قرآن جي مناس نصيب ٿئي، آخرت جو فڪر پيدا ٿئي، نمازن جو شوق وڌي، جماعت ۾ شرڪت جي عادت بڻجي، فضول گوئي جي جڳهه تي خاموشي اچي وڃي ۽ خاموشي ڪان وڌيڪ تلاوت ۽ ذڪر و دُرود ۽ سلام جي ڪثرت جو معمول بڻجي وڃي، ضروري ديني علم حاصل ٿئي، عبادت جو مستقل شوق پيدا ٿئي ۽ دل گناهن ڪان بيزار ٿي وڃي.

اعتڪاف ۽ روحانيت

اعتڪاف روحاني خزانو ۽ باطن ۾ انقلاب پيدا ڪرڻ واري عبادت آهي. اعتڪاف جي زماني ۾ خُدا سان قلبي ۽ روحاني تعلق جوڙڻ نهايت آسان آهي. اعتڪاف جي دوران تهجد، اشراق، چاشت، اوّابين، صلوٰة التوبه، نوافلِ وضو، تحيةُ المسجد، تراويح، مُراقبه، تلاوت، تسبيحات ۽ مسنون اوراد ۽ وظائف ۾ مشغول رهڻ، پڻ صبح ۽ شام جون مسنون دعائون گهرڻ جي سعادت، قلب ۽ روح جي صفائي ۾ نهايت مُوثر آهي. رات جا سجدا ۽ قيام، ڏينهن روزي جي حالت ۾، نمازن ڪان بعد تلاوت جو اهتمام، اڪثر ڪري تسبيح ۽ دُرود جو اهتمام، آڌي رات جو الله جي بارگاهه ۾ روئي ڪري دعا گهرڻ جي دولت هنن ڏينهن ۾ آساني سان حاصل ٿي ويندي آهي. اعتڪاف حقيقت ۾ خلوت (اڪيلائي) جي هڪ صورت آهي، انهيءَ خلوت جي لاءِ بزرگانِ دين پنهنجي زندگي جو هڪ وڏو حصو جنگلن، پهاڙن ۽ ويرانن ۾ گذاريو. هي خلوت بذاتِ خود مقصود ناهي، پر ڪيئي فائدن جو دارومدار خلوت تي آهي. اسان جي ڪم ڪار ۽ افرا تفري جي زماني ۾ عام طور گهٽي اڪيلائي ناهي ملندي، پر اعتڪاف جي صورت ۾ هي نعمت ڪجهه ڏينهن جي لاءِ نصيب ٿي ويندي آهي ۽ هن طرح عبادت ۽ تلاوت ۽ ذڪر ۽ دُرود ۽ آخرت جي فڪر جي لاءِ اڪيلائي مُيسر ايندي آهي پڻ گناهن ڪان پري رهڻ جو موقعو ملندو آهي. مُعتڪف ماڻهن جي طرفان پهچڻ واري بُرائي، بداخلاقي ۽ جهيڙن جهڳڙن ڪان محفوظ رهندو آهي ۽ ماڻهو ان جي شر ڪان محفوظ رهندا آهن، ايئن مُعتڪف حقوقُ العباد ضايع ڪرڻ ڪان بچي ويندو.

عبادت ۾ خشوع، يڪسوئي ۽ "توجه الي الله" نهايت مُفيد ۽ عبادت جي

بنيادي مطلوبہ آدابن مان آهن، اعتڪاف جي صورت ۾ جيڪا خلوت نصيب ٿيندي آهي ان ۾ ڪامل توجهه ۽ مڪمل يَڪسوئي وارا آداب بجا آڻڻ آسان ٿيندو آهي، ان ڪان علاوه اعتڪاف ۾ عام زندگي جي جَلَوتُن ڪان وڌيڪ عبادت جو وقت ملندو آهي ۽ هي مُسلسل محنت، عبادت تي اِستقامت جو ذريعو بڻجندي آهي.

اولياءِ ڪرام جو اعتڪاف ۽ رمضان

بزرگانِ دين ۽ اولياءِ ڪرام رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم دل ۽ زبان سان يادِ الٰهي ۾ مشغول رهڻ جي باوجود معرفت جي ترقي، عبادت جي لذت، تلاوت جو ذوق. اطاعت جي مناس جي لاءِ رمضان مهيني ۾ اعتڪاف ڪندا هئا، جيئن ته فقہ مالڪي جا پيشوا، امام مجتهد، سيدنا امام مالڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو مُستقل معمول هو ته جيئن ئي ماهِ رمضان شروع ٿيو، پاڻ پنهنجي تدريسي مصروفيتون ختم ڪري سجو وقت تلاوتِ قرآن ۾ مشغول رهندا هئا. ائين ئي امام، محدث، مجتهد، حضرت سفيان ثوري رَحمَةُ اللهِ عَلَيه رمضان ۾ ٻيون تمام عبادتون ڇڏي ڪري صرف ۽ صرف ڪلامِ الٰهي جي تلاوت ڪندا هئا. جليل تابعي بزرگ، امامِ تفسير، حضرت قتاده رَحمَةُ اللهِ عَلَيه دورانِ اعتڪاف آخري ڏهي ۾ هر رات سجو قرآنِ ڪريم ختم فرمائيندا هئا.

(لطائف المعارف، ص:318) اهڙيءَ طرح امام غزالي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه بغداد ڇڏڻ ڪان بعد بيتُ المقدس جي ”قُبَّةُ الصَّخرَة“ ۾ ڊگهي عرصي تائين اعتڪاف ڪيو ۽ تلاوت ۽ ذڪر ۽ تسبيح ۽ عبادت ۽ شب بيداري ۽ فڪرِ آخرت سان گڏوگڏ اُمّت تي عظيم احسان ڪندي عظيم ڪتاب ”احياءعلوم الدين“ تصنيف فرمائي.

(احياء العلوم مترجم، 31/01)

مطلب تہ خُدا جا نيڪ ٻانها هميشہ اعتڪاف ڪندا هئا ۽ ان مان عظيم روحاني ۽ اُخروي خزانا حاصل ٿيندا رهندا آهن. الله پاڪ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ۽ اولياء رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِم جي صدقي اسان کي عبادت جي مناس سان ڀريل اعتڪاف جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

دَارُالْاِفْتَاءِ اَهلِسُنَّت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

(1) چپَ جي کلَ نڙيءَ ۾ وڃڻ تي روزي جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته ڪجھ ماڻهن جي هيءَ عادت هوندي آهي ته اهي هيٺين چپ جي ٻاهرين حصي کي ڏندن جي ذريعي اندر دٻائيندا آهن ۽ پوءِ ان ٻاهرين حصي جي خشڪ کلَ ڏندن جي ذريعي ڪٽي ڪري وات ۾ ڪٽي ويندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن اها کلَ وات مان ٿُڪي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اها کلَ نڙيءَ جي اندر به هلي ويندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن اها کلَ ته بلڪل ننڍڙي هوندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ وڏي هوندي آهي، اهڙا ماڻهو جيڪڏهن روزي جي دوران پنهنجي چپن مان کلَ ڪٽين ۽ روزو ياد هوندي بنا چٻاڙڻ جي اها کلَ غلطي سان انهن جي نڙيءَ جي هيٺ هلي وڃي ته انهن جي روزي جو ڇا حڪم ٿيندو؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

روزيدار روزي جي حالت ۾ وات جي ٻاهران ڪا شيءِ کڻين ۽ اها شيءِ بنا چٻاڙڻ جي غلطي سان يا ارادي سان نڙيءَ ڪان هيٺ لهي وئي ۽ روزي دار کي روزو به ياد هو ته روزو ٽٽي پوندو چاهي اها شيءِ ننڍي هجي يا وڏي. پڇيل صورت ۾ جڏهن روزيدار چپن تان کلَ ڪٽيندو ته اها وات جي ٻاهران کلَ کي وات جي اندر ڪٽي ويندو تنهنڪري اها کلَ بنا چٻاڙڻ جي غلطي سان يا ارادي سان نڙيءَ ڪان هيٺ لهي وئي ۽ روزيدار هجڻ به ياد هو ته روزو ٽُٽي پوندو جيتوڻيڪ اها کلَ ٿوري هجي يا گهڻي، ان روزي جي قضا لازمي ٿيندي، ڪفّارو لازم نہ ٿيندو. (حاشية الشلبی علی التبيين،399/1-تبيين الحقائق،173/2-الفتاوى الهندية ،202/1-بہار شریعت،989/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(2) جنازي ۾ شرڪت جي لاءِ وڃڻ تي اعتڪاف جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته زيد رمضانُ المبارڪ ۾ ڏھ ڏينهن جو سنّت اعتڪاف ڪيو، 28 رمضان جو زيد هڪ جنازو پڙهڻ جي لاءِ مسجد کان ٻاهر هليو ويو. جڏهن ان کي چيو ويو ته جنازي جي لاءِ مسجد کان ٻاهر وڃڻ سان اعتڪاف ٽُٽي پوندو آهي، ته چوڻ لڳو ته مون اعتڪاف ڪرڻ وقت ئي هيءُ نيّت ڪئي هئي ته جيڪڏهن ڪو جنازو اچي ويو، ته مان نمازِ جنازو پڙهڻ ويندُس، تنهنڪري منهنجو اعتڪاف نه ٽُٽو. هن حوالي سان اسان جي شرعي رهنمائي ڪئي وڃي ته زيد جو اعتڪاف ٽُٽي ويو يا نه؟ جيڪڏهن مثال طور ٽُٽي ويو هجي، ته هاڻي زيد جي لاءِ ڇا حڪم آهي؟

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَهَّابِ اَللّٰھُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ زيد جو اعتڪاف، سنّت اعتڪاف نه رهيو، بلڪ هاڻي ان جي حيثيت نفلي اعتڪاف جي ٿي وئي آهي، تنهنڪري ان جي ٽُٽڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، ڇو جو نفلي اعتڪاف جو شرعي طور تي ڪو وقت مقرر ناهي، جيتري دير تائين مسجد ۾ نفلي اعتڪاف جي نيّت سان رهنداسين، اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو ۽ جڏهن مسجد مان نڪرنداسين ته اعتڪاف مڪمل ٿي ويندو. رهي ڳالھ دورانِ اعتڪاف جنازي وغيره ۾ شرڪت جي شرط لڳائڻ، ته هي شرط واجب اعتڪاف جي لاءِ درست آهي، سنّت اعتڪاف جي لاءِ نه، سنّت اعتڪاف جي لاءِ جيڪڏهن هن طرح جي شرط لڳائيندا، ته اهو سنّت اعتڪاف نه رهندو، بلڪ نفلي اعتڪاف بڻجي ويندو ۽ نفلي اعتڪاف جو حڪم هي آهي ته جڏهن مسجد مان نڪرنداسين ته اعتڪاف مڪمل ٿي ويندو. يعني جيڪڏهن ڪنهن شريعت جي شرائط جي مطابق پنهنجي مٿان باس باسي ڪري اعتڪاف واجب ڪيو هجي، ته ان ۾ هي شرط لڳائي سگهجي ٿي، پر رمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهي جي اعتڪاف ۾ جيڪڏهن ڪنهن اعتڪاف کان پهريان هي شرط لڳائي، ته هاڻي ان جو اعتڪاف سنّت اعتڪاف نه رهندو، بلڪ فقط نفلي اعتڪاف ٿي ويندو. نفلي اعتڪاف جي ڪا مدت ناهي هوندي. نفلي اعتڪاف جي نيّت سان جيتري دير مسجد ۾ رهنداسين، اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو ۽ جڏهن مسجد مان ٻاهر نڪري اينداسين، اعتڪاف مڪمل ٿي ويندو، ٽُٽندو نه ۽ نه ئي ڪنهن قسم جي قضا لازم ٿيندي.

(جدالممتار،295/4-فتاویٰ ہندیہ،211/1-بہار شریعت، 1021/1)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(3) وقت کان پهريان افطار ڪرڻ تي روزي جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ جيڪڏهن روزيدار غلطي سان ٽائيم کان پهريان ئي افطار ڪري ڇڏيو، جڏهن تہ ان کي روزيدار هجڻ ياد بہ هو. تہ ڇا اهو روزو ادا ٿي ويندو؟ رهنمائي فرمائيندا.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ ان شخص جو اهو روزو ادا نہ ٿيو، تنهنڪري ان شخص تي لازم آهي تہ ان روزي جي قضا ڪري ۽ آئينده ان معاملي ۾ احتياط ڪري البتہ ان صورت ۾ صرف قضا آهي ڪفّارو نہ ٿيندو، (المختصر القدوری،ص97-بہار شریعت، 989/1-وقار الفتاوٰی،434/2 ملخصاً و ملتقطاً)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(4) روزي جي دوران سفر اختيار ڪرڻ تي روزو ڇڏڻ جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڪنهن جي عرب شريف روانگي هجي ۽ تقريباً ڏينهن جو ٻارهن وڳي فلائٽ هجي، تہ ڇا ان صورت ۾ ان کي ان ڏينهن جو روزو ڇڏڻ جي اجازت هوندي؟ جڏهن تہ ڏکهي سفر جي سبب طبيعت تي اثر پوڻ ۽ اُلٽي اچڻ جو انديشو بہ هجي؟ رهنمائي فرمائيندا.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جيڪڏهن ڪو شخص صبح صادق جي وقت شرعي مسافر نہ هجي بلڪ ان ڏينهن سفر ڪرڻو هجي تہ هي سفر اڄ جي روزي ڇڏڻ جي لاءِ عُذر نہ بڻجندو، ان ڏينهن جو روزو رکڻ فرض هوندو. تنهنڪري پڇيل صورت ۾ ان سفر جي وجھ سان، بيان ڪيل انديشن جي وجھ سان، ٿوري گھڻي طبيعت خراب ٿيڻ سبب ان ڏينهن جو روزو ڇڏڻ جي هرگز اجازت ناهي جيستائين جو مرض جي اها ڪيفيت ثابت نہ ٿي وڃي جنهن کي شريعت روزو ٽوڙڻ يا نہ رکڻ جي رخصت قرار ڏنو آهي. (البحر الرائق،492/2-الاختیار لتعلیل المختار،173/1-بہار شریعت، 1003/1-فتاوٰی نوریہ،201/2، 202)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مدني مذاڪري جا سوال جواب

(1) شهزاديءِ ڪونين جي والدهءِ ماجده جو نالو

سوال: شهزاديءِ ڪونين سيّده فاطمةُ الزهراء رضی اللہ عنہا جي امڙ سائڻ جو نالو ڇا آهي؟

جواب: اُمّ المؤمنين حضرت سيدتنا خديجةُ الڪُبرٰي رضی اللہ عنہا.

(طبقاتِ ابنِ سعد، 16/8-مدنی مذاکره، بعد نمازِ عصر، 21 رمضان شريف 1441ھ)

(2) اعتڪاف جي نيّت ۽ وقت

سوال: منهنجي گهر واري (رمضان شريف جي آخري ڏهن ڏينهن جي) اعتڪاف ۾ ويهڻ چاهي ٿي، ان جو وقت بيان فرمايو ۽ ڪهڙي نيّت ڪرڻي آهي؟ پڻ ڇا اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺڻ کان بعد نفل پڙهڻ ضروري آهي؟

جواب: ان اعتڪاف جو وقت هي آهي ته 20 رمضانُ المبارڪ جو سج لهندي وقت اسلامي ڀائر مسجد ۾ ۽ اسلامي ڀينرون مسجدِ بيت (يعني گهر ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ مقرر ڪيل جڳهه) ۾ اعتڪاف جي نيّت سان موجود هجن، سج لهندي ئي اعتڪاف شروع ٿي ويندو.(بہارِ شريعت، 1021/1 ماخوذاً) 20 رمضان شريف جي سج لهڻ کان ڪجهه دير پهريان اعتڪاف جي لاءِ مسجد ۾ اچي وڃڻ مناسب آهي، البت اعتڪاف جي لاءِ نفل پڙهڻ شرط ناهي، صرف نيّت ئي ڪافي آهي ته مان رمضان جي آخري ڏهي جي سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪريان ٿو! نيّت ۾ زبان سان چوڻ به شرط ناهي، بلڪ دل ۾ نيّت هجڻ ڪافي آهي ۽ عام طور دل ۾ هي نيّت هوندي آهي، ڇو جو سنّت اعتڪاف سال ۾ هڪ ڀيرو ئي ٿيندو آهي.(مدنی مذاکره، بعد نمازِ عصر، 20 رمضان شريف 1441ھ)

(رمضانُ المبارڪ جا فضائل، روزن، تراويح ۽ اعتڪاف وغيره جا مسئلا ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب "فيضانِ رمضان" پڙهو)

(3) پياري نبي ﷺ جي نانيءَ جو نالو

سوال: حُضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نانيءَ جو نالو ڇا هو؟

جواب: پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناني صاحبہ جو نالو بَرّہ هو.(فتاوىٰ رضويہ، 30/293) بَرّہ جي معنٰي آهي: نيڪوڪار.

(مدنی مذاکرہ،8ربیع الاوّل1441ھ)

(4) مولا علي ڪي ”شيرِ خُدا“ ڇو چيو ويندو آهي؟

سوال: حضرت سيّدنا مولا مشڪل ڪُشا عليُّ المُرتضٰي رَضِیَ اللهُ عَنْه کي ”شيرِ خُدا“ چيو ويندو آهي، هي ارشاد فرمايو ”شيرِ خُدا“ مان ڇا مُراد آهي؟

جواب: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرتِ سيدنا علي رَضِیَ اللهُ عَنْه کي ”اَسَدُ الله“ جو لقب عطا فرمايو جنهن جو ترجمو ”خُدا جو شير“ آهي. (شرف المصطفیٰ، 6/32) ياد رهي! شير نهايت بهادر جانور آهي، ان کي جنگل جو بادشاھ چيو ويندو آهي، اهو ٻئي جو ڪيل شڪار ناهي کائيندو بلڪ پاڻ شڪار ڪندو آهي، جڏهن تہ بهادر شخص کي بہ ”شير“ چوندا آهن، ڇو تہ حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْه نهايت بهادر هئا، ان ڪري سندن کي ”شيرِ خُدا“ چيو ويندو آهي.

(حضرت سيدنا علي رَضِیَ اللهُ عَنْه جي سيرت جي باري ۾ ڄاڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو رسالو ”ڪراماتِ شيرِ خُدا“ پڙهو)

(5) هڪ فطرو اڌ اڌ ڪري ٻن ڄڻن تي ڏيڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا هڪ فطرو اڌ اڌ ڪري ٻن ڄڻن تي ڏئي سگھون ٿا؟

جواب: ڏئي سگهون ٿا، بهارِ شريعت ۾ آهي: هڪ شخص جو فطرو هڪ مسڪين کي ڏيڻ بهتر آهي ۽ ٻن ٽن مسڪينن کي ڏئي ڇڏيو تڏهن بہ جائز آهي، هڪ مسڪين کي ڪجھ ماڻهن جو فطرو ڏيڻ بہ جائز آهي جيتوڻيڪ سڀ ئي فطرا مليل (يعني مڪس) هجن.

(بہارِ شریعت، 1/940-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 18رمضان شریف 1440ھ)

(6) عَنِّي ۽ عَنَّا ۾ فرق

سوال: ”اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ كَرِيْمٌ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنِّيْ“ هن دعا جي آخري لفظ کي ڪو ”عَنِّي“ چئي ڪري پڙهندو آهي ۽ ڪو ”عَنَّا“، صحيح ڇا آهي؟

جواب: حديثِ پاڪ ۾ ”فَاعْفُ عَنِّيْ“ آهي هن جو مطلب آهي: ”مونکي معاف فرماءِ“، جيڪڏهن ”عَنَّا“ پڙهيو وڃي تہ ان جو مطلب ٿيندو: ”اسان کي معاف فرماءِ“ يعني عَنَّا جمع جي لاءِ ايندو، هونئن بہ آمين چوڻ وارو دعا ۾ شامل ٿي ويندو آهي. هتي حديثِ پاڪ جا الفاظ ”فَاعْفُ عَنِّيْ“ ئي چوڻ مناسب آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 23رمضان شریف 1441ھ)

(7) شوال جي نفل روزن ۾ قضا جي نيّت ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: جن عورتن جي رمضان المبارڪ جا فرض روزا ڪنهن عُذر جي وجهه سان رهجي ويندا آهن، ڇا اهي شوالُ المڪرم جي 6 روزن ۾ انهن قضا روزن جي نيّت ڪري سگهن ٿيون؟

جواب: قضا روزن سان گڏ نفل روزا نہ ٿيندا لهٰذا قضا روزا ۽ شوال جا نفل روزا الگ الگ رکيا وڃن.

(فتاویٰ ہندیہ، 197/1-مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ تراویح، 20رمضان شریف 1441ھ)

(8) ٻار عيد جي رقم جو ڇا ڪن؟

سوال: عيد جي ڏينهن ننڍن ٻارن کي جيڪا عيد جي خرچي ملندي آهي، ان کي ڪيئن استعمال ڪن؟

جواب: عيد جي ڏينهن ٻارن کي جيڪا خرچي ملندي آهي ٻار ئي ان جا مالڪ هوندا آهن. ڪڏهن ٻار پاڻ سمجهدار هوندو آهي تہ پاڻ وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ پيسا محفوظ ڪري وٺندو آهي. ٻار پنهنجي عيد جي خرچي پنهنجي والد صاحب وٽ بہ جمع ڪرائي سگهن ٿا. سرپرست کي بہ گهرجي تہ ٻارن جي عيد جي خرچي پاڻ وٽ محفوظ رکي يا انهن پيسن مان ٻارن کي ڪا شيءِ وٺي ڏي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عشا، پہلی شوّال شریف 1441ھ)

(9) گهر ۾ لڳل وڻ وڍرائڻ ڪيئن؟

سوال: مان هڪ گهر خريد ڪرڻ چاهيان ٿو پر ان گهر جي وچ ۾ ناريل جو وڻ لڳل آهي، ان کي وڍرائڻ ڪيئن رهندو؟

جواب: وڻ وڍرائڻ شرعاً جائز آهي. ڪجهہ ماڻهو گهرن ۾ موجود ناريل وغيره جو وڻ يا لتڪيل تارين کي وڍيندي ڊڄندا آهن ڇڻ جنن جي فوج انهن تي حملو ڪري ڏيندي يا جن جو پورو خاندان وينو آهي ۽ اهو هن انتظار ۾ آهي تہ توهان هن وڻ کي لوڏيو تہ اسان توهان کي لوڏڻ شروع ڪري ڇڏينداسين!

ياد رکو! وڻ تي جنن جو ٺڪاڻو هجي هي ضروري ناهي. دنيا ۾ روزانو ڪروڙين وڻ وڍيا ويندا هوندا مزدور تہ پورو جو پورو جنگل وڍي ڇڏيندا هوندا، پر جنَّ انهن کي تنگ ڇو نہ ٿا ڪن؟ اهڙيءَ طرح گهرن ۾ ڪاٺين جا دروازا هوندا آهن، هي ڪٿان ايندا آهن؟ يقيناً وڻن کي وڍيو ويندو آهي جنهن جي ڪاٺين مان دروازا، فرنيچر، ميز ۽ ڪرسيون وغيره ٺاهيون وينديون آهن. بهرحال جيڪڏهن توهان وهم ڪندا تہ ٿي سگهي ٿو تہ آزمائش ۾ مبتلا ٿي وڃو، لهٰذا وهم نہ ڪرڻ گهرجي، الله ڪريم حفاظت ڪرڻ وارو آهي.

(مدنی مذاکرہ، بعد نمازِ عشا، 8 شوّال شریف 1441ھ)

مولانا سيّد عمران اختر عطاري مدني

روزي جو مقصد

روزو مسلمانن تي فرض آهي، بلا عذر روزو نہ رکڻ ڪبيره گناهہ ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي جڏهن تہ هن عظيم عبادت جي بجاآوري تي جنت جي بشارت آهي. روزو هڪ خاص مقصد جي تحت رکيو ويندو آهي جيڪڏهن اسان جي هن مقصد تي نظر نہ هجي تہ اسان هن عبادت جو پورو فائدو ۽ ذوق نہ حاصل ڪري سگهنداسين. جيڪڏهن اسان کي روزي جي مقصد کان آگاهي نہ هجي يا آگاهي تہ هجي پر اسان هن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪيون تہ اسان کي ڊڄي وڃڻ گهرجي جو حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي: ڪيئي روزيدار اهڙا آهن جو انهن کي سندن روزي مان بک ۽ اُڃ کان سواءِ ڪجھ حاصل ناهي ٿيندو. (1)

اڄو روزي جو مقصد، هن مقصد جي اهميت ۽ ان جي حصول ۾ رنڊڪ وجهندڙ رڪاوٽن ۽ ان جي حل تي غور ڪيون ٿا:

روزي جو مقصد؛ الله پاڪ جو فرمان آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي فرض ڪيا ويا تہ جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو. (2)

هن آيت ۾ واضح طور تي روزي جو مقصد تقويٰ حاصل ٿيڻ ٻڌايو ويو آهي. تقويٰ جو مطلب هي بہ آهي تہ منع ڪيل شين کان باز رهي پاڻ کي گناهن کان روڪي ڇڏجي. (3)

چوته تقويٰ جو بنياد ئي باز رهڻ ۽ رڪجي وڃڻ تي آهي ته ڪائڻ پيئڻ دستياب هجڻ ۽ ان جي خواهش هجڻ جي باوجود به روزيدار سيني جي سامهون ۽ اڪيلائي ۾ پنهنجي خواهش تي ڪنٽرول ڪري ويندو آهي ۽ صرف حڪمِ الٰهي جي تابعداري ۾ پاڻ کي ڪائڻ پيئڻ کان روڪي ويندو آهي ۽ چوته پاڻ کي قابو ۾ رکڻ ۽ نفس کي الله پاڪ جي حڪم جو تابع رکڻ جي صلاحيت روزي جي ذريعي ڀرپور انداز ۾ حاصل ٿيندي آهي ۽ ان سان گناهن کي ڇڏي ۽ خواهشن کي روڪي سگهجي ٿو انهيءَ ڪري روزي جو انجام ۽ مقصد تقويٰ کي سڏيو ويو آهي بلڪ هڪ حديث ۾ ته نڪاح کي بدنگاهي ۽ پريشان نظري کان بچڻ جو ۽ شرمگاه جي حفاظت جو ذريعو قرار ڏئي ڪري فرمايو ويو آهي ته جنهن ۾ نڪاح جي استطاعت ناهي اهو روزا رکي جو روزو خواهشن کي ختم ڪندو آهي.(4)

قرآنِ پاڪ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي تقويٰ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. جيئن ڪٿي تقويٰ اختيار ڪرڻ جي وصيت ۽ تاڪيد بيان فرمائي(5) ته ڪٿي اُن کي استطاعت جي مطابق اپنائڻ جو حڪم ڏنو،(6) ڪٿي تقويٰ ۽ پرهيزگاري کي سيني کان بهتر زادِ راهِ قرار ڏنو(7) ته ڪٿي سيني کان بهتر لباس،(8) ڪٿي اهل تقويٰ کي هن ڳالهه جو يقين ڏياريو ويو ته

الله پاڪ ان سان گڏ آهي (9) ته ڪٿي انهن جي لاءِ جنت ۾ داخلا جي خوشخبري بيان ٿي. (10) ۽ هڪ هنڌ آسمان ۽ زمين جي برڪتن کي تقويٰ اختيار ڪرڻ تي موقوف فرمايو.(11) ان کان علاوه به ڪيئي آيتون ۽ قرآني مفهوم آهن جن سان الله پاڪ جي نزديڪ اهل ايمان جي لاءِ تقويٰ جو انتهائي اهم هجڻ معلوم ٿئي ٿو تنهنڪري روزي سان تقويٰ جهڙي اهم شيءِ جو حاصل ٿيڻ به روزي جي اهميت جو پتو ڏئي ٿو.

روزي جو مقصد حاصل نه ٿيڻ جا سبب: روزو رکي ڪري به روزي جو مقصد يعني تقويٰ نه حاصل ٿيڻ جا سبب هي ٿي سگهن ٿا: روزي جو مقصد ئي معلوم نه هجڻ. سحري کان افطاري تائين صرف بکيو ۽ پياسو رهڻ ئي روزي جو مقصد سمجهي ويهڻ. روزي جي آداب ۾ ڪوتاهيون ڪندو رهڻ حالانڪ روزي جي معاملي ۾ هن وڏي غلط فهمي کي رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دور ڪندي ارشاد فرمايو: روزو هن جو نالو نه آهي ته ڪائڻ ۽ پيئڻ کان رڪجي وڃجي، بلڪ روزو ته هي آهي ته هر بيهوده ڳالهه کان بچيو وڃجي.(12)

لهٰذا تقويٰ کي اهم سمجهندي ۽ روزي جي ذريعي ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ تمنا ڪرڻ جي باوجود جيڪڏهن روزي جي آداب جو خيال نه

ركيو وڃي ته روزي جي نورانيت ۽ تقويٰ نه ملندي جيئن ته پياري آقا، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: روزو ڍال آهي، جيستائين ان کي ضايع نه ڪيو هجي. عرض ڪيو ويو، ڪهڙي شيءِ سان ضايع ڪندو؟ ارشاد فرمايائون: ڪوڙ ۽ غيبت سان.(13)

حل ۽ علاج: روزو رکي ڪري به جنهن کي تقويٰ نه ملندو هجي ان جي لاءِ علاج هي آهي ته. تقويٰ حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجڻ وارن انهن تمام سببن کي ختم ڪري جيڪي مٿي بيان ڪيا ويا آهن. روزي جا حقوق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، امام المتڪلمين مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: روزي جو حق هي آهي ته دل کي غير جي انديشي کان خالي ڪري ۽ ڏينهن ياد الٰهي ۾ گذاري. (14) پيٽ جي روزي سان گڏوگڏ سڄي جسم جي ظاهر ۽ باطن جو به روزو رکيو وڃي، اميراهل سنت حضرت علامہ مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: حقيقي معنيٰ ۾ روزي جون برڪتون ته اُنهي وقت نصيب ٿينديون، جڏهن اسان تمام اعضاء جا به روزا رکون. (15)

اهل علم حضرات قرآن و حديث جي ڪثير مطالعي ۽ وسيع علمي تجربن جي روشني ۾ روزي جون جيڪي حڪمتون بيان ڪيون آهن انهن کي پيشِ نظر رکڻ سان به روزي کي ماڻڻ ۾ ڪاميابي ملي سگهجي ٿي.

روزي جون حڪمتون: پيٽ پرڻ سان نفس طاقتور ٿي ويندو آهي ۽ خالي رهڻ سان روح ۾ قوت اچي ويندي آهي لهٰذا جن ڏينهن ۾ روزو ناهي هوندو ته نفس جي غذا جو جڏهن ته روزي واري ڏينهن ۾ روح جي غذا جو بندوبست ٿي ويندو آهي. روزو پيٽ جي تمام بيمارين جو علاج آهي، جيڪڏهن ڪو هر مهيني ۾ ٽي ڏينهن جا روزا رکندو ڪري ته هُو پيٽ جي بيمارين کان محفوظ رهندو. روزي سان فقر ۽ فاقي جي قدر معلوم ٿيندي آهي. روزي ۾ پنهنجي پانهي ۽ رب جي مالڪ هجڻ جو اظهار ٿيندو آهي ته اسان پنهنجي ڪنهن شيءِ جا مستقل مالڪ ناهيون، گهر ۾ سڀ ڪجھ آهي پر ربّ پاڪ روڪي ڇڏيو ته ڪجھ استعمال نٿا ڪري سگهون. روزي سان بُک برداشت ڪرڻ جي عادت بڻبي آهي ته جيڪڏهن غربت جو منهن ڏسڻو پيو ته روزيدار صبر ڪندو. روزي ۾ بک برداشت ڪرڻي هوندي آهي ان سان روح گناهن کان باز رهندو آهي.(16) روزي سان رياضت ۽ نفس ڪشي(نفس جو زور ٽوڙڻ) جي مشق ٿيندي آهي. شهوت ۽ غصو جيڪو تمام گناهن جي اصل جڙ آهي روزي سان ان جي قوت ڪمزور ٿي ويندي آهي. هن سان شيطان جا رستا تنگ ٿي ويندا آهن. دل جي پاڪيزگي، رقّتِ

قلبي، عبادت جي لذت، انڪساري، دوزخ جي ياد، شهوت جو خاتمو ۽ غير ضروري ننڊ کان نجات ملندي آهي.(17)

(1) ابنِ ماجہ، 2/320، حدیث:1690

(2) پ2، البقرۃ:183

(3) مفردات امام راغب، 531

(4) بخاری، 3/422، حدیث:5066

(5) پ5، النسآء:131

(6) پ28، التغابن:16

(7) پ2، البقرۃ:197

(8) پ8، الاعراف:26

(9) پ14، النحل:128

(10) پ24، الزمر:73

(11) پ9، الاعراف:96

(12) مستدرک للحاکم، 2/67، حدیث:1611

(13) معجم اوسط، 3/264، حدیث:4536

(14) جواہر البیان، ص91

(15) فیضانِ رمضان، ص83

(16) رسائل نعیمیہ، ص294

(17) جواہر البیان، ص73 تا75 ماخوذاً۔

مفتی محمد قاسم عطاری

عبادت جا فائدا ڪٿي آهن!!

عبادت جي اهميت

دين اسلام ۾ الله جي سڃاڻپ، ان جو عرفان حاصل ڪرڻ ۽ پوءِ بارگاهِ الٰهي ۾ مُقرب انسان بڻجڻ جي لاءِ ”عبادت“ جي حيثيت ڪَرنگهي جي هڏي جيان آهي. عبادت سان انسان جو خُدا سان تعلق مضبوط ٿيندو، روحاني ترقي نصيب ٿيندي ۽ معرفتِ الٰهي ڪي سڪون ملندو آهي. اها ئي اخلاص سان ڀَرپور عبادت انسان کي خالق جي ويجهو ڪندي ۽ مخلوق ۾ عزّت ٻڌائيندي آهي. عبادت جي لاءِ ئي انسان کي زندگي ڏني وئي، جيئن تہ خالقِ ڪائنات ارشاد فرمايو: ﴿وَ مَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِیَعْبُدُوْنِ﴾ ترجموڪنزالعرفان: ۽ مون جن ۽ انسان ان لاءِ پيدا ڪيا تہ منهنجي عبادت ڪن. (سيپارو: 27 سورت ذاريات: 56)

عبادت جا فائدا!

عبادت جا بيشمار فائدا آهن، جيئن تہ نماز جي متعلق قرآن ۾ فرمايو ويو: ﴿اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِؕ﴾ ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ نماز بيحيائي بُري ڳالهہ کان روڪي ٿي. (سيپارو: 20، سورة عنڪبوت: 45) نماز جي هن فائدي کان علاوه هن جي پابندي ماڻهوءَ ۾ احساسِ ذميداري ۽ وقت جي پابندي جي عادت پيدا ڪندي آهي، دل جي اطمينان ۽ روحانيت ۾ اضافو ٿيندو آهي. روزي جو فائدو هي بيان فرمايو ويو: ﴿لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ﴾ ترجموڪنزالعرفان: توهان پرهيزگار بڻجي وڃو. (سيپارو: 2، سورة بقرة: 183) روزو نفس کي قابو ڪرڻ جي عملي تربيت آهي ۽ ان کان علاوه روزو رکڻ سان غريبن جي غربت ۽ فاقي جي پريشاني ۽ بُکَ جي تڪليف جو احساس پيدا ٿيندو آهي. مطلب تہ! مختلف عبادتون ديني فائدن سان گڏوگڏ بيشمار دنياوي فائدن تي مُشتمل هونديون آهن.

اسان کي عبادت جا فائدا ڇو نظر ناهن ايندا!!

هتي هڪ سوال فوراً ذهن ۾ ايندو آهي تہ جيڪي فائدا قرآن ۽ حديث ۽ اُمّت جي عالمن بيان ڪيا آهن، اهي اسان کي اردگرد نظر ڇو ناهن ايندا! نماز کي بي حيائي ۽ بُري ڳالهہ کان روڪڻو هو پر نمازي مسجد کان ٻاهر ايندي ئي زبان جو لغام شيطان کي پڪڙائي ڇڏيندو آهي، جيئن نماز کان پهريان حالت هئي ايئن ئي بعد ۾ هوندي آهي، روحانيت وڌڻ جي بدران ڪيفيت اُبتڙ آهي، احساسِ ذميداري جاڳڻ جي بدران گهٽ يا ختم ٿيندي پئي وڃي. اهڙيءَ طرح روزيدار جي تقوٰي وڌڻي هئي، پر اهو پنهنجي گناهن ۾ مگن آهي. روزي ۾ نفس کي قابو ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿيڻ جي بدران معمول کان وڌيڪ کاوڙ نظر ايندي آهي. ائين ئي جنهن حجَ زندگي ۾ انقلاب آڻي، حرام مال کان روڪي ڪري گناهن کي ڇڏرائڻو هو، اهو حاجي حج کان بعد انهيءَ طرح حرام ڪمائي، گِراهڪن کي ڌوڪو ڏئي رهيو ۽ گناهن جي ڪڏي ۾ قاتل آهي. مطلب تہ! عبادت جا جيڪي فضائل ۽ فائدا بيان ڪيا ويا آهن اهي اسان کي عام زندگي ۾ ائين نظر ناهن ايندا جيئن ڪتابن ۾ لکيا ويا ۽ اهلِ علم بيان ڪندا آهن، آخر ائين ڇو؟

اسان جون عبادتون ڇو موثر ناهن!

مٿي بيان ڪيل سوال جو جواب هي آهي تہ سوال ۾ ڪيئي حقيقتن کي پيش نظر ناهي رکيو ويو. پهرين حقيقت هي آهي تہ انهن عبادتن جا بيان ڪيل فائدا ۽ نتيجا يقيني طور تي درست آهن، ڇوتہ اسان کي هزارين بلڪ لکين سلفِ صالحين ۽ بزرگانِ دين جي زندگي ۾ بلڪل واضح طور تي هي تمام فائدا ۽ برڪتون نظر اينديون آهن. انهن عبادتن بزرگن ۾ نورِ ايمان، قوتِ يقين، اطمينانِ قلب، باطني روحانيت، وقت جو قدر، تقوٰي ۽ طهارت، آخرت جو فڪر، حقن جي ادائيگي جو جذبو، نفس کي مارڻ، غريبن جو احساس، محرومن جي خيرخواهي، ڏکايلن جي غمخواري ۽ حرام مال کان بچڻ جو جذبو پيدا ڪيو، بلڪ ان کي وڌائي ڪري ڪمال مرتبي تائين پهچائي ڇڏيو. ٻي حقيقت هي آهي تہ اسان ڪڏهن ڪڏهن سوال ۾ قائم ڪيل تاثر صرف پنهنجي شهر يا پنهنجي مُلڪ کي سامهون رکي ڪري بيان ڪندا آهيون، جڏهن تہ جيڪڏهن ٻين شهرن ۽ مُلڪن کي سامهون رکي ڪري غور ڪيون تہ واضح ٿيندو آهي تہ اسان جي آسپاس ئي صورتِ حال خراب آهي، نہ تہ مجموعي طور تي عبادتون پنهنجا فائدا پهچائي رهيون آهن جيئن عرب ۽ اَفريقي مُلڪن ۾ انهيءَ عبادتن جي شوقينن جي حالت ڪافي بهتر آهي. ٽئين حقيقت هي آهي تہ اسان جي

آس پاس بہ عبادت جا عادي ۽ مسجد ۽ عالمن سان وابستہ ماڻهو حلال ۽ حرام ۾ فرق ۽ ٻين معاملن ۾ ٻين کان ڪافي بهتر هوندا آهن، جيئن ٿورو غور سان مشاهدو ۽ سروي (Survey) ڪيون تہ خبر پئجي ويندي تہ لڪين ماڻهو متي بيان ڪيل خوبين سان مُتصف هوندا آهن ۽ ان جي پنيان وڏو سبب عبادت جي برڪت ئي هوندي آهي.

پر تِن سببن جي ڪري ماڻهن جي ان طرف نظر ناهي ويندي. هڪ سبب هي آهي تہ بُرن ماڻهن، بُرين عادتن ۽ ”شر“ جي ايتري ڪثرت آهي جو ان جي مقابلي ۾ گهڻ مقدار ۾ ”ڀلائي“ نهايت گهٽ نظر ايندي آهي، تنهنڪري هتي سبب بُرن ۽ برائين جي ڪثرت آهي، نہ وري نيڪين جي عبادت جو مُفيد نہ هجڻ.

ٻي وجه هيءَ آهي تہ ماڻهن تائين معلومات پهچائڻ ۽ ذهن سازي ڪرڻ وارا سڀ کان وڏا ذريعا يعني اخبار ۽ ٽي وي تي سڪيولر ۽ لبرل ماڻهن جو قبضو آهي ۽ انهن جا زهر جهڙا تجزيا چوتہ دين کان پري ڪرڻ ۽ دينڌارن کي بدنام ڪرڻ تي مشتمل هوندا آهن، ان ڪري هو ”سَرِينهَ جي داڻي“ کي ”جبل“ جيڏو ڪري پيش ڪندا آهن، ڪجھ غافل نمازين يا بي عمل حاجين جي غلطي کي ائين پيش ڪندا آهن جو ڄڻ هر نمازي ۽ حاجي جو اهو ئي حال آهي. هي پروپيگنڊا (Propaganda) صرف دل جي ميراڻ ۽ باطن جي گندگي آهي، ٻيو ڪجھ نہ.

ٽئين وجه هي آهي تہ ماڻهو عبادت جي فائدن ۾ موجود زماني جي ماڻهن جو تقابل پهريان جي اولياء سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، مثال طور اڄوڪي زماني جي ماڻهن ۾ حضرت بشر حافي، داؤد طائي، ابراهيم بن ادهم، فُضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم ۽ هنن جهڙن اڪابرين جي روحانيت ۽ ڪردار کي سامهون رکندا آهن، حالانڪ هي مقابلو ئي غلط آهي. زماني جي بدلجڻ سان اهڙن نتيجن جي اميد رکڻ ئي عجيب آهي. جيڪي عبادت جا بنيادي فائدا آهن اهي اڄ بہ حاصل ٿيندا آهن. باقي ايڏو وڏو ولي بڻجڻ الڳ ڳالھ آهي. ان ڪمال تائين پهچڻ جي لاءِ ترڪيبي عنصر ئي جُدا هوندا آهن ۽ اهڙا اڪابرين هميشہ ئي ٿورا رهيا آهن، پهريان بہ ۽ هاڻي بہ، جيئن هر سائنسدان آئن سٽائن ۽ نيوٽن ناهي ائين ئي هر عبادت گذار ايڏو وڏو ولي ناهي.

هاڻي سوال هي آهي تہ متي تمام جوابن جي باوجود هي ڳالھ تہ سيني کي تسليم آهي تہ اسان جي آس پاس نمازين ۽ حاجين جي حالت ۽ ڪيفيت، عبادت مان حاصل ٿيڻ وارن انهن فائدن جي بلڪل ابتڙ آهي جيڪي بيان ڪيا ويندا آهن، تہ آخر ان جي وجه ڇا آهي؟ ان جو جواب بہ ٻڌو: ڳالھ هيءَ آهي تہ اسان جي مُلڪ ۽

وطن جي ڪجهه يا اڪثر ماڻهن ۾ عبادت جا مطلوبه فائدا ظاهر ناهن مثال طور اسان چئون ته هن وقت دنيا جا اڪثر عبادت گذار ئي انهن فائدن کان محروم آهن، تڏهن به عبادت جي فائدن جي ڳالهه پنهنجي جڳهه تي درست آهي چوته جيڪڏهن ماڻهن جي ڪردار ۽ عمل ۾ اهو ايمان افروز انقلاب پيدا نه ٿيو جيڪو ٿيڻ گهرجي ها، هي عبادت جو قصور ناهي بلڪ ان جو سبب عبادت جي ادائيگي جي مطلوب معيار کي پورو نه ڪرڻ آهي.

بي حيائي ۽ بُرائي کان روڪڻ واري، وقت جي پابندي ۽ روحانيت پيدا ڪرڻ واري نماز جو حقيقي معيار ۽ انداز اهو آهي جيڪو حديث ۾ هيئن بيان ڪيو ويو آهي: ان تعبد الله كأنك تراه فإن لم تكن تراه فانه يراك- ترجمو تون الله جي عبادت ائين ڪر ڄڻ تون ان کي ڏسي رهيو آهين ۽ جيڪڏهن اهو نه ٿي سگهي ته هي يقين رکُ ته هو توکي ڏسي رهيو آهي. (بخاری،31/1،حدیث:50) غور ڪيو ته هن تصور سان ڪيترا ماڻهو نمازون پڙهن ٿا؟ شايد نمازين جون زندگيون گذري وينديون آهن پر اهڙي نماز پڙهڻ جي توفيق ناهي هوندي، جڏهن ته اهو ئي نماز جو انداز هو جو جنهن جا فائدا، فضائل ۽ برڪتون ظاهر ٿيڻيون هيون، لهٰذا ايئن نماز ئي ادا ناهي ڪئي، ته هي چوڻ ته "**نماز زندگيءَ ۾ تبديلي ناهي آڻي رهي**" درست ناهي، جو خامي "عبادت" ۾ نه بلڪ نمازي جي عمل ۾ آهي.

اهڙيءَ طرح جنهن رمضان جي روزن تقوٰي، نفس کي قابو، غريبن جي همدردي ۽ فقيرن جي بُک اڃ جو احساس پيدا ڪرڻو هو، اهي اهڙا روزا هئا جن جي ڏينهن ۾ بک اڃ سان گڏ تمام عضوا به گناهن کان بچيل رهن ها، پوءِ ڏينهن سان گڏ رات تراويح ۽ تلاوت ۾ گذري ها، جڏهن ته اسان جنهن رمضان جي هنن فائدن جا اميدوار آهيون ان رمضان ۾ روزيدارن جا ڏينهن سمهڻ جي حالت ۾ يا دڪان يا دفتر ۾ ڪم چوري يا معمول مطابق ناجائز طريقي سان ڪاروبار ڪندي يا عادت مطابق رشوتون ڏيندي وٺندي گذرندا آهن ۽ راتين جو حال هي آهي ته نوجوانن جون راتيون تراويح ڇڏي ڪري چوري جي بجلي مان ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ ۾ يا سڄي رات دوستن سان فضول ڪچهري يا ڪو ٽي وي تي ڊراما ڏسندي گذرنديون آهن. رمضان جي اهڙن روزن مان تقوٰي ۽ نفس کي قابو ڪرڻ جي اميد قائم ڪرڻ "**ڪريلي جي ٻج مان انب کائڻ جي اميد رکڻ**" آهي.

اهڙيءَ طرح اعتڪاف جو مثال آهي ته اسلامي نقطءِ نظر سان اعتڪاف جو روح هي آهي ته مُعتڪف(اعتڪاف ڪندڙ) مخلوق کان تعلق ٽوڙي ڪري خالق

سان تعلق جوڙي وٺي. تلاوتِ قرآن، ذڪرِ الٰهي، درود ۽ سلام، آخرت جو فڪر، علمِ دين ۽ رضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهي. اهڙو اعتڪاف يقيناً حيران ڪندڙ تبديليون سامهون آڻيندو. هن طرح جو مُعتڪف، اعتڪاف کان بعد به نماز جو پابند ۽ نظرن جو محافظ رهندو، ان جي دل مسجد ۾ لڳل ۽ يادِ الٰهي ۾ ڌڙڪندي رهندي، جڏهن ته ٻي طرف اهڙو معتڪف آهي جو افطار ٿيندي ئي ان جا دوست گروپ ٺاهي ڪري فضول گفتگو ڪرڻ جي لاءِ ان وٽ مسجد ۾ پهچي ويندا آهن. هاڻي اڳين صفن ۾ نمازِ تراويح جي جماعت ٿيندي ۽ هي مُعتڪف پنهنجي گروپ سان گڏ سياسي، سماجي ۽ ڪرڪيٽ جون ڳالهيون ٻڌڻ، ٻڌائڻ ۾ وقت گذاريندو هوندو. اهڙو اعتڪاف ڪڏهن به فائدي مند ثابت نه ٿو ٿي سگهي.

عبادت جي موثر هجڻ جو مثال!

مٿي ذڪر ڪيل گفتگو کي هيئن به سمجهي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن هڪ ڊاڪٽر ڪنهن زڪام جي مريض کي دنيا جي مهانگي ۽ بهترين دوا ڏي هن کي استعمال ڪيو، مرض يقيناً ختم ٿي ويندو. هاڻي اهو زڪام جو مريض برف جهڙي ٿڌي پاڻيءَ سان دوا کائي، پوءِ ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجي ۽ قميص لاهي ڪري اي سي جي بلڪل سامهون سمهي رهي پوءِ صبح

جو زڪام ختم ٿيڻ جي شڪايت سان ڊاڪٽر وٽ وڃي ڪري شڪايت ڪري ته هيتري مهانگي دوا ۽ بهترين دوا جي باوجود منهنجو زڪام صحيح ڇو ڪون ٿيو؟ ته ڊاڪٽر جي طرف کان اهو ئي جواب هوندو ته هن طرح ته سڄي زندگي زڪام ختم نه ٿيندو، اوهان دوا سان گڏ دوا جي ٻين تقاضن تي به عمل ڪيو تڏهن ئي دوا اثر ڪندي، نه ته دنيا جي مهانگي ۽ بهترين دوا سڄي عُمر به کائيندا رهو ته ڪڏهن به صحيح نه ٿيندا.

ڪجهه اهڙي ئي حالت اسان جي اعمال جي آهي جو شريعت جو حڪم ته بيشمار فائدن ۽ برڪتن سان ڀريل آهي پر اسان جي عملي حالت ۽ انفرادي رَوَيا ان عبادت جي حقيقي تاثير کي زائل ڪري اسان جي لاءِ بي فائدا ۽ غير مُفيد ڪري ڇڏيندا آهن. الله پاڪ اسان کي حقيقي تقاضن جي مطابق عبادت ڪرڻ وارو بڻائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اسلامي ڀينرن جا شرعي مسائل

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

(1) زڪوات کان بچڻ جي لاءِ زڪوات جي نصاب کي ٻين جي مِلڪ ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مُفتيانِ شرعِ متين هن مسئلي جي باري ۾ تہ منهنجي والد صاحب سون جا زيورات ڪٺي منهنجي شاديءَ جي لاءِ منهنجي مِلڪ ڪري ڇڏيا آهن اڃان شادي ناهي ٿي، هن زيورن تي جيڪا زڪوات بڻجي ٿي اها ادا ڪرڻ جي لاءِ مون وٽ پيسا ناهن، تہ ڇا مان اهي زيوَر پنهنجي نابالغ ڀاٽيجيءَ جي مِلڪ ڪري سگهان ٿي تہ جيئن ان تي زڪوات نہ ٿئي؟

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ اوهان تي زڪوات لازم آهي جو انهيءَ سون مان يا وري ان کي وڪڻي ڪري يا قرض وٺي ڪري زڪوات ادا ڪيو، زڪوات کان بچڻ جي لاءِ حيلو تلاش ڪرڻ جي شرعاً اجازت ناهي.

غمزعيون البصائر ۾ آهي: ”الفتوی علی عدم جواز الحيلة لإسقاط الزكاة وهو قول محمد رحمہ الله تعالیٰ وهو المعتمد“ ترجمو: اسقاطِ زڪوات جي لاءِ حيلو ڪرڻ جي لاءِ ناجائز هجڻ تي فتوٰي آهي ۽ اهوئي امام محمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو قول آهي، ۽ انهيءَ تي اعتماد آهي.

(غمز عيون البصائر،222/4)

فتاوٰي رضويہ ۾ آهي: اسان جي ڪتبِ مذاهب هن مسئلي ۾....صاف لکي ڇڏيو تہ فتوٰي امام محمد جي قول تي آهي جو اهڙو فعل جائز ناهي، امامُ الائمہ سراجُ الامہ حضرت سيدنا امام اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو بہ ساڳيو ئي امام محمد وارو مذهب اهي جو اهڙو فعل ممنوع ۽ بُرو آهي.“

(فتاوی رضويہ،189/10، 190)

وَاللهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی الله عليه واٰلہٖ وسلَّم

(2) شڪ سان ڳڍ روزي جي نيّت ڪرڻ تي روزي جو حڪم

سوال: ڇا ٿا فرمائن عُلماءِ دين ۽ مُفتيانِ شرع متين هن مسئلي جي باري ۾ ته هنده کي رات جو پيٽ ۾ شديد سور پيو ته ان سحري ۾ هن طرح روزي جي نيّت ڪئي ته جيڪڏهن ڏينهن ۾ منهنجي پيٽ ۾ سور ٿيو ته منهنجو روزو ناهي، نه ته منهنجو روزو آهي. هاڻي ٿيو ڪجھ ائين ته فجر نماز کان بعد ان جي پيٽ ۾ شديد سور ٿي پيو جنهن جي ڪري مجبوراً ان کي شربت پيئڻو پيو.

اوهان کان معلوم هي ڪرڻو آهي ته هن صورت ۾ ڇا هنده تي ان روزي جي قضا سان گڏو گڏ ڪفّارو به لازم ٿيندو؟ رهنمائي فرمائيندا.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

فقهاءِ ڪرام جي تصريحات جي مطابق جيڪڏهن اصلِ نيّت ۾ ئي شڪ هجي ته ان صورت ۾ اهو شخص روزو شروع ڪرڻ وارو نه چورائيندو، لهٰذا پڇي ويندڙ صورت ۾ هنده جو اهو روزو شروع ئي نه ٿيو جو جنهن جي قضا يا ڪفّارو ان تي لازم ٿئي.

باقي پڇيل صورت ۾ جيڪڏهن اهو فرض روزو هو ته هنده تي ان روزي جي قضا لازم آهي ۽ جيڪڏهن نفل روزو هو ته هنده تي شرعاً ڪجھ لازم ناهي.

بهارِ شريعت ۾ آهي: ايئن نيّت ڪئي ته سڀاڻي ڪٿي دعوت ٿي ته روزو ناهي ۽ نه ٿي ته روزو آهي هيءَ نيّت صحيح ناهي، جيئن ته اهو روزيدار ناهي.“

(بہار شریعت،1/968-المحیط البرهانی،3/364-فتاوی عالمگیری،1/195)

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

مولا علي جي سادگي ۽ عاجزي

مولانا عدنان احمد عطّاري مدني

هڪ ڀيري هڪ صحابيءِ رسول تمام پُراڻي چادر پاڻ تي ويڙهي رکي هئي، چادر ايتري قدر پُراڻي ٿي چڪي هئي جو ان جي ٻنهي ڪنارن ڪان ڌاڳا لٽڪي رهيا هئا، هڪ خادم عرض ڪيو: مونکي اوهان سان ڪجھ ڪم آهي، صحابي فرمايو: توکي ڪهڙو ڪم آهي؟ عرض ڪيائين: هن چادر کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو، هي ٻڌندي ئي اهي صحابيءِ رسول ويهي رهيا ۽ چادر جو هڪ ڪنارو پنهنجي اکين تي رکي ڪري روئڻ لڳا ۽ ايترو رُنا جو آواز بُلند ٿي ويو، خادم چيو: جيڪڏهن مونکي معلوم هجي ها ته هن ڳالھ سان اوهان کي ايتري تڪليف پهچندي ته چادر جُدا ڪرڻ جو نه چوان ها، صحابيِ رسول فرمايو: هن چادر سان منهنجي محبت ۾ اضافو ٿيندو آهي هي مونکي منهنجي دوست تحفي ۾ ڏني هئي، خادم پڇيو: اوهان جا دوست ڪير آهن؟ ارشاد فرمايو: حضرت عُمر فاروق(رضی اللہ عنہ).[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدنا عُمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جي تحفي کي سنڀالي ڪري رکڻ وارا، ان کي پائڻ وارا، ان جي محبت کي دل ۾ سمائي رکڻ وارا صحابيِ رسول ڪي ٻيا نه، بلڪ مسلمانن جا چوٿان خليفا، شيرِ خُدا حضرت سيّدنا عليُ المرتضٰي رضی اللہ عنہ هئا، جتي پاڻ بي شمار خوبين جا مالڪ آهن اتي سندن جي ذات ۾ سادگي جو پهلو به صاف نظر ايندو آهي، علّامہ ابن عبدُ البَر (وفات جو سال:463ھ) فرمائن ٿا: حضرت سيّدنا عليُ المرتضٰي رضی اللہ عنہ گهرو لباس پائڻ ۽ ڪائڻ

جي معاملي ۾ حضرت عُمر رضي الله عنه جي انداز تي هئا،(2) اچو ڪائڻ ۽ لباس جي حوالي سان مولا علي رضي الله عنه جي سادگي ملاحظ ڪيو:

3 درهمن جي قميص

هڪ ڀيري حضرت سيّدنا عليُ المرتضيٰ رضي الله عنه بازار ۾ تشريف وٺي آيا ۽ فرمائڻ لڳا: ڪنهن وٽ سُٽي قميص آهي جيڪو 3 درهمن ۾ وڪڻندو هجي؟ هڪ ماڻهو چيو: مون وٽ آهي، پوءِ وڃي ڪري هڪ قميص کڻي آيو جيڪا پاڻ رضي الله عنه کي تمام گهڻي پسند آهي ته ڪين ارشاد فرمايو: هي ته 3 درهمن کان وڌيڪ آهي. ان چيو: نه، بلڪ هن جي قيمت اها ئي آهي. پاڻ رضي الله عنه ٿيلهيءَ مان ٽي درهم ڪڍي ڪري ان کي ڏئي ڇڏيا.(3)

سڃاڻوءَ کان قميص نه خريد ڪيائون

هڪ ڀيري سندن پُراڻي چادر جي گوڏ ٻڌي هٿ ۾ دُرّو کڻي ڪري بازار پهتا ڄڻ ته هڪ ڳوناٺا معلوم ٿي رهيا هئا، پاڻ رضي الله عنه ڪنهن دڪاندار کان 3 درهمن جي قميص خريد ڪرڻ چاهي ان سندن کي سڃاڻي ورتو ته پاڻ رضي الله عنه ان کان به خريد نه ڪيائون ٻئي وٽ پهتا ته ان به سڃاڻي ورتو پاڻ رضي الله عنه ان کان به قميص خريد نه ڪيائون پوءِ هڪ ڇوڪري وٽ پهتا ۽ ان کان ٽن درهمن جي قميص خريد ڪيائون، بعد ۾ ڇوڪري جو پيءُ سندن جي خدمت ۾ هڪ درهم کڻي ڪري حاضر ٿيو ۽ چوڻ لڳو: اها قميص 2 درهمن جي هئي، پاڻ رضي الله عنه (درهم نه ورتائون ۽) فرمايائون: اسان ٻنهي پنهنجي خوشيءَ سان هي سودو ڪيو هو.(4)

هڪ درهم نفعو

هڪ ڀيري پاڻ رضي الله عنه ٿُلهي چادر کڻي ڪري بازار ويا ۽ فرمايائون: مون هن چادر کي 5 درهمن ۾ خريد ڪيو آهي، ڪو آهي جيڪو مونکي هڪ درهم نفعو ڏي ته مان ان کي هيءَ چادر وڪڻي ڇڏيان؟(5) هڪ ڀيري پاڻ تلوار گهرائي ان کي مياڻ مان ڪڍيو ۽ فرمايائون: هن تلوار کي ڪير خريد ڪندو، الله جو قسم! جيڪڏهن مون وٽ هڪ گوڏ جي قيمت هجي ها ته مان هن تلوار کي نه وڪڻان ها.(6)

غلام کي سُٽي قميص ڏنائون

هڪ ڀيري پاڻ رضي الله عنه دڪاندار کان 2 قميصون خريد ڪيون، پوءِ پنهنجي غلام کي فرمايائون: ٻنهي مان جيڪا توکي پسند هجي اها کڻ، ان هڪ کڻين ته پاڻ رضي الله عنه ٻي کنيائون ۽ ان کي پائي ڪري پنهنجي هٿ کي ڊگهو ڪيو ۽ دڪاندار کي فرمايو: جيڪي آستينون وڌيل آهن انهن کي ڪٽي ڇڏيو، دڪاندار ان کي ڪٽي ڪري سبي ڇڏيو، پاڻ رضي الله عنه ان کي پاتو ۽ اڳتي هليا ويا.(7)

غرور کان پري لباس

هڪ ڀيري پاڻ رضي الله عنه ٻاهر تشريف

وٺي آيا تہ جسم مبارڪ تي 2 چادرون هيون، هڪ چادر جي ڳوڏ ٻڌل هئي جڏهن تہ ٻي چادر باقي جسم تي ويڙهيل هئي، چادر جو هڪ پاسو لٽڪي رهيو هو جڏهن تہ ٻيو پاسو مٿي ڪنيل هو ۽ پاڻ رضي الله عنه ڳوڏ کي ڪپڙي جي هڪ ٽڪري سان ٻڌي ڇڏيو هو، هڪ اڻ ڄاڻ ڳوناٺو پرسان گذريو تہ چوڻ لڳو: توهان هنن ڪپڙن ۾ ميت لڳي رهيا آهيو. پاڻ رضي الله عنه فرمايو: اي ڳوناٺا شخص! هنن ٻنهي ڪپڙن کي مون ان ڪري پاتو آهي تہ جيئن غرور کان گهڻو پري رهان، ۽ نماز ۾ گهڻي آساني ٿئي ۽ مومن ٻانهي جي لاءِ سُنو طريقو هئڻ گهرجي.[8]

سادو لباس

هڪ گستاخ خارجي شخص مولا علي رضي الله عنه کي لباس جي باري ۾ ملامت ڪئي تہ پاڻ رضي الله عنه فرمايو: اوهان جو هن لباس سان ڪهڙو ڪم؟ منهنجو لباس تڪبر وارو ناهي ۽ وڌيڪ بهتر تہ هي آهي جو مسلمان هن معاملي ۾ منهنجي پيروي ڪن.[9]

ستو جو ٿيلهو

هڪ ڀيري پاڻ رضي الله عنه هڪ شخص کي ڪنهن علائقي تي عامل مقرر ڪيو ۽ نصيحت ڪئي: نماز پڙهڻ وارا راتين جو آرام ناهن ڪندا. پوءِ انهيءَ کي فرمايو: ظهر جي وقت مون وٽ اچجانءِ. بهرحال اهو شخص ظهر جي وقت پاڻ رضي الله عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو دروازي تي دَربان (يعني چوڪيدار) نہ هجڻ جي ڪري سڌو اندر هليو ويو. پاڻ رضي الله عنه تشريف فرما هئا ۽ سندن وٽ هڪ پيالو ۽ پاڻيءَ جو ٿانءُ رکيل هو، ڪجھ دير کان بعد پاڻ رضي الله عنه پنهنجو ٿيلهو گهرايو تہ ان شخص جي دل ۾ خيال آيو تہ حضرت علي رضي الله عنه مونکي هڪ ذميداري ڏني آهي لهٰذا مونکي ڪجھ هيرا موتي بہ ڏيندا. پاڻ رضي الله عنه ان کي کولي ڪري ڪجھ ستو ڪڍيا، انهن کي پيالي ۾ وڌو ۽ ان ۾ پاڻي ملايو پوءِ پاڻ بہ پيتو ۽ ان کي بہ پياريو. ان کان رهيو نہ ٿيو تہ چوڻ لڳو: اي اميرُ المؤمنين! اوهان هن کي بند ڪري ڇو رکندا آهيو حالانڪ عراق ۾ کاڌي جي گهڻائي آهي؟ پاڻ رضي الله عنه جن فرمايو: الله جو قسم! مان ڪنجوسي ۽ بخل جي وجھ سان هن کي ٿيلهي ۾ بند ڪري ناهيان رکندو، مان ضرورت کان وڌيڪ کاڌو ناهيان خريد ڪندو (۽ ٿيلهي کي بند رکڻ جي وجھ هي آهي تہ) مونکي انديشو آهي تہ هي ضايع ٿي ويندو تہ پوءِ ٻيو کاڌو نهرائڻو پئجي ويندو لهٰذا مان هن کي محفوظ رکندو آهيان ۽ مونکي پاڪيزه کاڌو کائڻ ئي پسند آهي.[10]

نفس ڪشي (نفس جو زور ٽوڙڻ)

حضرت مولا علي رضي الله عنه کي ڪنهن فالودو پيش ڪيو تہ پاڻ رضي الله عنه ان کي

سامهون رکي کري ارشاد فرمايو: بيشڪ تنهنجي خوشبو عُمده، رنگ سُٺو ۽ ذائقو مزيدار آهي پر مونکي هي پسند نہ آهي جو مان پنهنجي نفس کي هن شيءِ جو عادي بڻايان جنهن جو هو عادي ناهي.[11]

حلوو نہ کاڌائون

هڪ ڀيري مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي سامهون ڳُجور ۽ گيهہ جو حلوو پيش ڪيو ويو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ان کي پنهنجي ساڄين جي اڳيان رکي ڇڏيو، انهن هن کي کائڻ شروع ڪيو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ارشاد فرمايو: اسلام گهر تيل اُٺ ناهي پر قريش وارن هيءَ شيءِ ڏٺي تہ ان تي ٽُٽي پيا.[12]

وفات ۽ وصيت

سن 40 هجري 17 رمضان جو ابنِ ملجم خارجي ڪوفي ۾ جڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تي قاتلاڻو حملو ڪيو تہ سندن جي منهن مبارڪ مان هي ڪلما ادا ٿيا: ربِّ ڪعبہ جو قسم! مان ڪامياب ٿي ويس، زهر ۾ ٻوڙيل تلوار جو وار سندن دماغ تائين پهچي ويو هو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ پنهنجي گهر وارن کي ڪجهہ وصيتون ارشاد فرمايون: پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ وٽ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بچيل خوشبو هئي هڪ وصيت هي ڪئي تہ مونکي (رسولِ ڪريم جي) اها خوشبو لڳائي ڪري دفن ڪيو وڃي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي زبان تي مُسلسل ڪلمءِ طيبہ جاري رهيو، ٽن راتين ڪان بعد (21 رمضان جو سندن شهادت ماڻي.[13] پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سون چاندي جو ڍيرُ پوئتي نہ ڇڏيو صرف 700 درهم پنهنجي پنيان ڇڏيا ۽ انهن مان بہ گهروارن جي لاءِ هڪ غلام خريد ڪرڻ جو ارادو رکندا هئا.[14]

---

1. تارىخ المدىنه لابن شبه، ص938
2. الاستذکار، 329/7
3. فضائل الصحابة لاحمد،545/1، حدىث: 912
4. الزهد لاحمد،ص156، حدىث:691
5. الزهد لاحمد، ص157، حدىث:694
6. الزهد لاحمد، 158، حدىث:702
7. الزهد لاحمد،158،حدىث:708
8. الزهد لابن المبارک، ص261، رقم: 756
9. الزهد لاحمد، ص158، رقم:706
10. حلية الاولياء، 123/1
11. الزهد لاحمد، ص158، رقم:707
12. حلية الاولياء، 123/1
13. تهذيب الاسماء، 329/1۔ مرقاة المفاتيح، 271/1، تحت الحديث: 85
14. الزهد لاحمد، ص: 159، حديث: 710

حضرت رقيه بنتِ رسولُ الله صلى الله عليه وسلم

گلشنِ مصطفٰي جي مهڪندڙ گُلن مان هڪ گُل حضرت رقيه رضي الله عنها به آهن جيڪي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڌيئرن مان حضرت زينب رضي الله عنها کان ننڍيون ۽ حضرت امِّ ڪُلثوم ۽ بي بي فاطمه رضي الله عنهما کان وڏيون آهن.

ولادت ۽ قبولِ اسلام: اعلانِ نبوت کان 7 سال پهريان جڏهن ته حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عُمر مبارڪ 33 سال هئي ته سندن جي پياري شهزادي حضرت رقيه رضي الله عنها جي ولادت ٿي (1) سندن امڙ امُّ المؤمنين سيدتنا خديجةُ الڪبرٰي رضي الله عنها آهن. پاڻ رضي الله عنها پنهنجي امڙ سائڻ سان گڏ ئي دامنِ اسلام ۾ آيون ۽ پنهنجي امڙ ۽ ڀينرن سان گڏ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اسلام تي بيعت ڪئي(2)

نڪاح: سندن پهريون نڪاح عتبه بن ابو لهب سان ٿي چڪو هو، پر رخصتي کان پهريان سورة لهب نازل ٿي جنهن ۾ پنهنجي هميشه واري ذلت ۽ رسوائي جو بيان ڏٺي ڪري ابو لهب تمام ڪاوڙجي پيو ۽ پنهنجي پٽ عتبه کي مجبور ڪيائين ته اهو حضرت بي بي رقيه رضي الله عنها کي طلاق ڏئي ڇڏي، آخر ڪار عتبه انهن کي طلاق ڏئي ڇڏي، ان کان پوءِ سندن نڪاح اميرُ المؤمنين حضرت عثمان غني رضي الله عنه سان ٿيو. (3)

اولاد: حضرت رقيه رضي الله عنها جي پيٽ مبارڪ مان حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه جو هڪ پٽ پيدا ٿيو جن جو نالو عبدُ الله هو، ننڍپڻ ۾ هڪ ڪُڪڙ ان جي اک ۾ چُهنب هڻين جنهن جي ڪري چهرو سڄي ويو ۽ بيمار ٿي ڪري 4 ه ۾ 6 سال جي عُمر ۾ انتقال ڪري ويا. رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي نمازِ جنازه پڙهائي ۽ حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه انهن کي قبر ۾ لاٿو. (4)

ٻن هجرتن وارا: حضرت رقيه رضي الله عنها حضرت عثمانِ غني رضي الله عنه سان گڏ ٻه ڀيرا مڪي کان حبشه ڏانهن هجرت ڪئي. (5)

پوءِ مديني ڏانهن هجرت ڪئي ۽ هي ٻئي صاحبُ الهجرتين (ٻن هجرتن وارا) جي معزز لقب سان سرفراز ٿيا.(6)

نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: الله پاڪ انهن ٻنهي کي پنهنجو قرب نصيب فرمائي، حضرت لوط عَلَیْہِ السَّلَام کان بعد عثمان اهي پهريان شخص آهن جن پنهنجي گهرواريءَ سان گڏ هجرت ڪئي. (7)

سيني کان خوبصورت جوڙو اميرُ المؤمنين حضرت عثمانِ غني ۽ حضرت بي بي رقيه رَضِیَ اللّٰہ عَنْھُما جي باري ۾ چيو ويندو هو ته "سيني کان خوبصورت جوڙو جيڪو انسانن ڏٺو آهي اهو حضرت رقيه ۽ انهن جي مڙس حضرت عثمان جو آهي. (8)

تيمارداري (خدمت) تي خصوصي عنايت

جنگِ بدر جي وقت حضرت رقيه سخت بيمار ٿي ويون ته رسولُ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن حضرتِ عثمان کي انهن جي خدمت چاڪري جو حڪم ڏنو، گهرواري جي خدمت ڪرڻ جي سبب جنگ ۾ شرڪت نه ڪرڻ جي باوجود رسولُ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن کي بدر جي مجاهدين ۾ شمار فرمايو: مالِ غنيمت مان حصو عطا فرمايو ۽ بدر جي شرڪاء جي برابر اجرِ عظيم جي خوشخبري به عطا فرمائي.(9)

وفات جنهن ڏينهن حضرت زيد بن حارثه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ جنگِ بدر ۾ مسلمانن جي فتح جي خوشخبري کڻي ڪري مديني پهتا ته ان وقت مسلمان حضرت سيدتنا بي بي رقيه رَضِیَ اللّٰہ عَنْھا جي جنّتُ البقيع ۾ تدفين ڪري رهيا هئا. (10)

(1)مواہب لدنیۃ، 1/392ماخوذاً
(2)طبقات ابن سعد، 8/29
(3)مواہب اللدنیۃ، 1/392، 393
(4)اسد الغابۃ، 7/126
(5)طبقات ابن سعد، 3/40
(6)طبقات ابن سعد، 8/29، 30
(7)اسد الغابۃ، 7/127
(8)شرح الزرقانی علی المواہب، 4/323، 324
(9)معرفۃ الصحابۃ، 5/141ماخوذاً
(10)طبقات ابن سعد، 8/30

ڪردار برباد ڪرڻ وارو گناهه

مولانا ناصر جمال عطاري مدني

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

اِنَّ شَرَّ النَّاسِ مَنْزِلَةً عِنْدَ اللهِ مَنْ تَرَكَهُ ـ اَوْ وَدَعَهُ النَّاسُ ـ اتِّقَاءَ فُحْشِهٖ

يعني بنا شڪ جي الله جي ويجهو ماڻهن ۾ بدترين اهو آهي جنهن کي ماڻهو ان جي فحش کان بچڻ جي لاءِ ڇڏي ڏين. (1)

هن حديثِ پاڪ ۾ فحش گو (Obscene Talker) جي دنيا ۽ آخرت ۾ ٿيڻ واري نقصان کي واضح ڪيو ويو آهي، هن حديثِ پاڪ کي ٻن حصن ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا:

اِنَّ شَرَّ النَّاسِ مَنْزِلَةً عِنْدَ اللهِ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي سُٺا ڪم ڪرڻ وارن کي خيرُ النَّاس يا خِيَارُ النَّاس (ماڻهن ۾ بهترين) هجڻ جي خوشخبري ڏئي ڇڏي آهي جهڙوڪ: قرآنِ ڪريم سيکارڻ وارن (2) سُٺي اخلاق وارن (3) ۽ گناهه تي وجڻ تي ڪثرت سان توبهه ڪرڻ وارن(4) کي بهترين انسان فرمايو ويو آهي.

ائين ئي ڪوڙ ڪمَ اهڙا آهن جن کي ڪرڻ وارن کي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شَرُّ النَّاس يا اِشْرَارُ النَّاس (ماڻهن ۾ بدترين) هجڻ جي

وعيد ٻڌائي آهي، مثال طور چغلخور، دوستن ۾ جُدائي ڪرائڻ وارو، پاڪ دامنن ۾ عيب تلاش ڪرڻ وارو (5) ۽ مَڪر ڪرڻ وارو (6) بدترين ماڻهن ۾ شمار ڪيا ويا آهن.

مَنْ تَرَكَهُ النَّاسُ اِتِّقَاءَ فُحْشِهٖ جن خامين جي ڪري ماڻهو انسان سان ملڻ پسند ناهن ڪندا انهن مان هڪ فحش (بدڪلامي) بہ آهي. اچو پهريان فحش ڪلامي جي تعريف ڄاڻون ٿا ۽ ان ڪان بعد فحش ڪلامي جي وڏيڪ مذمت بيان ڪئي ويندي.

فحش ڪنهن کي چوندا آهن

شرم وارين ڳالهين کي ڪليل الفاظن ۾ بيان ڪرڻ (7) جيئن گار گند ۽ خراب ۽ بيهوده ڳالهيون ڪرڻ.

فحش (بدڪلامي) جا نقصان

(1) قيامت جي ڏينهن مومن جي ميزانِ عمل ۾ سڀ کان وڏيڪ وزندار عمل "سُنا اخلاق" هوندا ۽ الله فحش ڪلامي ڪرڻ واري بي حيا ماڻهوءَ کي ناپسند فرمائيندو آهي. (8)

(2) شرم ۽ حيا ايمان جو حصو آهي ۽ ايمان وارو جنّت ۾ ويندو ۽ بيحيائي، فحش گوئي بُرائي جو حصو آهي ۽ بُرائي وارو دوزخ ۾ ويندو. (9)

(3) مومن طعنو ڏيڻ وارو، لعنت ڪرڻ وارو، بدڪلامي ۽ بيهوده گفتگو ڪرڻ وارو ناهي هوندو. (10)

(4) حيا ۽ گهٽ ڳالهائڻ ايمان جون بہ شاخون آهن ۽ بدڪلامي ۽ گهڻو ڳالهائڻ نفاق جون بہ شاخون آهن. (11)

حضرت ابراهيم بن مَيسره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ: "بدڪلامي ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن ڪُتي جي شڪل يا ڪُتي جي قالِب ۾ ايندو." (11) حڪيمُ الاُمّت مُفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ تمام انسان قبرن مان انساني شڪل ۾ اٿندا پر محشر ۾ پهچي ڪري ڪجھ صورتون مسخ ٿي وينديون. (13)

فحش (بدڪلامي) ڪرڻ جا سبب

بدڪلامي جا ڪجھ بنيادي سبب هي ٿي سگهن ٿا

(1) ٻين کي حقير سمجهڻ

ٻين کي حقير ۽ گهٽ سمجهڻ بہ بدڪلامي تي اڀاريندو آهي، عام طور تي صفائي سترائي ڪرڻ وارن، هوٽل تي ٽيبل تي ڪاڏو رکڻ وارن، معمولي شيون وڪڻڻ وارن، ملازم، ڊرائيورن وغيره جون دليون گندن لفظن جي ذريعي ڏُکايون وينديون آهن ۽ ائين ڪرڻ جي سبب هي خوش فهمي هوندي آهي تہ اسان بهتر آهيون ۽ هي بدتر آهن لٰهذا هي ماڻهو هن سلوڪ جي لائق آهن. ٻين کي حقير سمجهڻ جو خيال بہ دل مان ڪڍي ڇڏيو الله ڪريم اوهان جي عزّت ۾ اضافو فرمائيندو.

(2): خراب مذاق ڪرڻ جي عادت

اهڙو مذاق جو ٻئي کي حقير ۽ معمولي سمجهندي ان جي خامين کي ائين بيان ڪرڻ جو جنهن سان ڪِلَ اچي. (14) هي

مذاق جائز ناهي، ان حقارت واري مذاق ۾ گندا الفاظ بہ شامل ٿي ويندا تہ ٻئي جي عزت جو ٻيڙو ٻوڙڻ وڏيڪ آسان ٿي ويندو آهي ۽ هي وڏيڪ سخت گناهہ بڻجي ويندو آهي. ياد رکو! اهو مزاح جنهن ۾ نہ ڪا ناحق ۽ خراب ڳالهہ هجي ۽ نہ ئي ڪنهن جي تحقير جو پهلو نڪرندو هجي تہ اهو جائز آهي جيئن تہ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِنِّي لَاَمْزَحُ وَلَا اَقُوْلُ اِلَّا حَقًّا يعني بيشڪ مان مزاح ڪندو آهيان پر مان حق ڪانسواءِ ڪجھ ناهيان چوندو. (15)

ڳالهہ ڳالهہ تي گارگند ڪرڻ وارا بہ بدڪلامي ئي ڪندا آهن انهن کي بہ عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي، فرمانِ مصطفٰي آهي تہ مومن مومنَ جو ڀاءُ آهي ان تي ظلم ناهي ڪندو، نہ ان کي گار ڏيندو آهي نہ ئي ان کان بغاوت ڪندو آهي. (16)

گارگندُ ڪرڻ مسلمان جو ڪم ناهي

ڪجھ ماڻهو بدڪلامي جي ڪري ملڻ واري ”بدنامي“ کي شهرت ۽ پنهنجو پاڻ کان ماڻهن جي خوف زده رهڻ کي پنهنجو ”دٻدٻو“ سمجهندا آهن حالانڪ عوام اهڙن سان گفتگو ڪرڻ ڪچري ۾ پٿر اڇلائڻ جي برابر سمجهندو آهي ۽ انهن جي زبان جي وارَ کان پنهنجي عزت بچائڻ جي لاءِ پري رهڻ پسند ڪندو آهي.

اسان جي رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم تہ مسلمانن کي هڪ جسم فرمايو آهي جنهن جي هڪ حصي ۾ ٿيڻ واري تڪليف کي پورو جسم محسوس ڪري سگهي. توهان ڪڏهن سوچيو تہ اُمّتِ مُسلِم جي هن هڪ جسم کي گارگند ڪرڻ جي عادت کهڙي طرح نقصان پهچائيندي آهي، گارگند ڪرڻ مسلمانن جو ڪلچر ناهي بلڪ مسلمانن جي ڪلچر ۾ تہ هڪٻئي کي بُري نالي سان پڪارڻ يا نالو خراب ڪرڻ جي بہ گنجائش ناهي، مسلمانن جي ڪلچر ۾ لهجي کي ماکيءَ کان وڏيڪ مٺو ۽ لفظن کي ڪپهہ کان وڏيڪ نرم رکڻ شامل آهي. اسلام جي عطا ڪيل آرٽ آف ڪميونيڪيشن تي عُبور حاصل ڪرڻ وارن جي ذريعي ئي دين سڄي دنيا ۾ پهتو ۽ دلين کي فتح ڪيو. الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي زندگي جا حالات اسان کي هي ٻڌائين ٿا تہ هي حضرات زبان سان عزّتون ذبح نہ ڪندا هئا بلڪ زبان سان عزّتن کي زندگي ۽ عزم ۽ حوصلي کي توانائي فراهم ڪندا هئا ۽ پنهنجي عمل سان هي ظاهر ڪندا هئا تہ تعليماتِ نبوي تي عمل ڪري ايئن دلين تي حڪومت ڪئي ويندي آهي.

هن تفصيل مان هيءَ ڳالهہ واضح ٿي تہ الله ڪريم حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي اسان جي زندگي جا اصول (Rules of life) عطا فرمايا آهن جن تي عمل ڪري جيئڻ جو سليقو بہ اچي ويندو آهي ۽ زندگي مُشڪل بڻائڻ وارن ڪمن کان نجات جو رستو بہ ملي ويندو آهي. انتخاب جو اختيار اسان وٽ آهي تہ خواهشات جي پنيان هلون ٿا يا اسلام جي عطا ڪيل زندگي جي اصولن کي اپنايون ٿا. اچو! پنهنجو اختيار استعمال ڪيون ۽ اسلام جي عطا ڪيل زندگي جي اصولن کي اپنايون تہ جيئڻ دين ۽ دنيا جون ڪاميابيون حاصل ڪري سگهون.

(1)بخاری،134/4،حدیث:6131

(2)بخاری،410/ 3،حدیث:5027

(3)بخاری،489/2،حدیث:3559

(4)شعب الایمان،418/5،حدیث:7121

(5)مسند احمد،291/6،حدیث:18020

(6)مسلم،ص1050،حدیث: 6454

(7)احیاء العلوم،151/3

(8)ترمذی،403/3،حدیث:2009

(9)ترمذی،406/3،حدیث:2016

(10)ترمذی،393/3،حدیث:1984

(11)ترمذی،414/3،حدیث:2034

(12)اتحاف السادۃ المتقین،190/9

(13)مراۃ المناجیح،660/6

(14)احیاء العلوم،162/3

(15)ترمذی،399/3،حدیث: 1997- معجم کبیر، 299/12، حدیث:
13443

(16)زواجر،520 /1

تربيت اولاد جي نفسيات

ڊاڪٽر زيرڪ عطاري

اولاد الله تعاليٰ جي طرفان اسان جي لاءِ هڪ نعمت آهي. ان جي ذريعي اسان جي نالي ۽ نسل جي بقا آهي، هر مسلمان جي خواهش هوندي آهي ته الله پاڪ ان کي نيڪ ۽ صالح اولاد عطا فرمائي جيڪو دنيا ۾ به ان جي اکين جي ٺڏاڻ بڻجي ۽ آخرت ۾ به ان جي نجات جو ذريعو بڻجي.

اولاد جي نيڪ بڻجڻ ۾ والدين جي تربيت جو نهايت اهم ڪردار هوندو آهي. جيڪي والدين پنهنجي ٻارن جي چڱي تربيت ڪندا آهن ته الله پاڪ ان کي ان جو صلو ضرور عطا ڪندو آهي. اولاد جي تربيت دين اسلام جي تعليمات جي مطابق ڪرڻ والدين جي ذميداري ۾ شامل آهي. پر اڄڪلهه جي دور ۾ هن جو فقدان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اڪثر والدين هن ڳالهه جو اظهار ڪندا آهن ته سندن اولاد خراب ٿي ويو آهي. چوڻ نٿو ڪري. بدتميز ٿو ويو آهي، صفائي سترائي جو خيال نٿو رکي وغيره وغيره.

اولاد جي تربيت ڪيئن ڪئي وڃي؟

ان جا بهترين رهنما اصول قرآن ڪريم بيان ڪيا آهن. ۽ ماڊرن سائيڪولوجي ذريعي به هن اصولن جي تائيد ٿئي ٿي. مثلاً ايمان وارن کي نيڪ اعمال ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ جي لاءِ الله پاڪ جنت جي عاليشان نعمتن جو وعدو ڪيو آهي. ۽ گنهگارن کي انهن جي برن عملن تي جهنم جي سخت سزائن جي وعيد ٻڌائي

آهي. هن اسلوب کي اسان ترغيب ۽ ترهيب جو نالو ڏيندا آهيون،

تربيت جي ميدان ۾ اڄ ماڊرن سائيڪولوجي بہ هن اصول کي اپنائي رکيو آهي. چڱو ڪم ڪرڻ تي حوصلہ افزائي ۽ برو ڪم ڪرڻ تي سزا. تربيت جي حوالي سان سائيڪولوجي جي هڪ ٿيوري آهي جنهن کي آپرينٽ ڪنڊيشننگ (Operant Conditioning) جو نالو ڏنو ويو آهي. هن ٿِيُوري جي مطابق چڱو ڪم ڪرڻ واري انسان جي جيڪڏهن حوصلہ افزائي (Reward) ڪئي وڃي تہ ٿوري ئي عرصي ۾ ان جي هيءَ چڱائي واري عادت پختہ ٿي ويندي. ۽ ناپسنديده ڪم ڪرڻ واري کي جيڪڏهن سزا ڏني وڃي تہ ٿوري ئي عرصي ۾ ان جي هيءَ بري عادت ڇڏائجي ويندي.

جيڪڏهن تربيت جو هي اسلوب والدين پنهنجي اولاد جي لاءِ صحيح معنٰي ۾ اپنائي وٺن تہ ان شاءالله انهن جو اولاد هر لحاظ کان بهتر ٿي سگهي ٿو. ترغيب ۽ ترهيب جي هن اسلوب کي سامهون رکي اسان ڪهڙي طرح پنهنجي ٻارن جي تربيت ڪري سگهون ٿا؟ هن ضمن ۾ درج ذيل ڳالهين جو خيال رکڻ سان ان شاءالله سٺا نتيجا نڪرندا.

تربيت اولاد جا بهترين اصول: (1) جيڪو ڪجھ ٻار کي سيکارڻ چاهيو ٿا اهو دين اسلام جي تعليمات جي مطابق هجي. ان جي لاءِ والدين کي دين جو بنيادي علم حاصل هئڻ ضروري آهي. (2) چڱي نيت جو هجڻ نهايت ضروري آهي. ڇوتہ اعمال جو دارومدار نيتن تي آهي. اولاد جي تربيت ۾ اسان جي بنيادي نيت الله پاڪ جي رضا و خوشنودي جي هجڻ گهرجي. (3) گهر يا خاندان جي تمام افراد جو انهن اصولن تي هڪجهڙو عمل ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪو هڪ فرد بہ بلاوجھ ٻار کي لاڏلو بڻائيندو ۽ ٻار جي غلط ڳالهين تي ان جي پڪڙ نہ ڪندو تہ ان سان ٻار جي بگڙڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن ۽ وڏن جا بہ پاڻ ۾ تعلقات خراب رهندا آهن. (4) ٻار جي عقل ۽ سمجھ جي مطابق هر ڳالھ جي پهريان وضاحت ڪيو. پهريان ٻار کي ٻڌايو تہ فلاڻو ڪم ڪرڻ جو صحيح طريقو هيئن آهي، مثلاً ننڍي ٻار کي چئجي تہ ڪاڌو ساڄي هٿ سان کاڌو ويندو آهي کاٻي هٿ سان نہ. جڏهن ساڄي هٿ جو چئو تہ ٻار جي ساڄي هٿ جي طرف اشارو ڪيو تہ جيئن ان کي معلوم ٿي تہ هي ساڄو هٿ آهي. (5) جيئن جيئن ٻار وڏا ٿيندا آهن تہ اُهي پنهنجي ارگرد جي دنيا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سوال هن سمجھ جي چاٻي آهي. والدين کي گهرجي تہ جيڪو بہ تربيت جو نئون اصول ٻارن تي لاڳو ڪرڻو هجي ان کي چڱي طرح سمجهايو وڃي. ان اصول تي ٻار جيڪو بہ سوال ڪري ان جو تسلي بخش جواب ڏنو وڃي. مثلاً ٽي يا چار سال جو

ٻار پُڇي سگھي ٿو ته اسان ساڄي هٿ سان چو کائيندا پيئندا آهيون؟ ته والدين کي ان جو جواب چڱي طرح ڏيڻو پوندو. نه ته جيڪو اصول ٻار مڪمل طور سمجهندو ئي نه ته اهڙي اصول تي اهو شوق ۽ لڳن سان عمل نه ڪندو.

(6) جڏهن به ٻار مطلوبه اصول تي عمل ڪري تي ان کي هر ڀيري Reward (انعام) ضرور ڏيو. انساني نفسيات آهي ته ننڍي عمر ۾ چند ڀيري Reward ملڻ تي ڪم ڪرڻ جي مضبوط عادت ٻڻجي وڃي ٿي. تنهنڪري جيتري ننڍي عمر ۾ ٻار جي تربيت شروع ٿي اوتري آسان هوندي آهي. (7) اهڙي طرح جيڪڏهن ٻار مطلوبه اصول تي عمل نٿو ڪري ته ان تي ان کي Sanction ضرور ملڻ گهرجي ۽ هر مرتبا ملڻ گهرجي. ايئن ڪرڻ سان ٻار جلدي سکي ويندو نه ته ڪڏهن Sanction ڪرڻ ۽ ڪڏهن نه ڪرڻ ٻار جي تربيت ۾ سڀ کان وڏيڪ رڪاوٽ ٻڻبو آهي. (8) والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻار جي پسند کي چڱي طرح ڄاڻين. بس اهو ئي پسند جو ڪم ٻار جو Reward ٻڻجي سگهي ٿو ۽ ناپسنديده ڪم Sanction ٻڻجي سگهي ٿو. هن ۾ ٻار جي عمر جو گهڻو عمل دخل آهي. مثلاً هڪ سال جو ٻار ڪنهن مخصوص رانديڪي کي پسند ڪندو آهي. ته اهڙي ٻار جي لاءِ هن رانديڪي جو ملي وڃڻ ئي بهترين Reward آهي.۽ جيڪڏهن ماءُ پنهنجو چهرو ٻي طرف ڪري ڇڏي ته ٻار ان تي ناخوش ٿيندو آهي. ٻار جي ڪنهن غير مطلوبه ڪم تي ماءُ جو ٻي طرف منهن ڦيري ڇڏڻ ان هڪ سال جي ٻار کي سيڪاري ڇڏيندو ته ان کي هي ڪم نه ڪرڻ گهرجي. (9) جيئن جيئن ٻار وڏا ٿيندا آهن ته ان جي عقل ۽ شعور ۾ اضافو ٿيندو ويندو آهي. پنج يا ڇهه سال کان وڏن ٻارن جي تربيت جو انداز مختلف هجڻ گهرجي. ان سان هر نئون اصول ڊائيلاگ جي ذريعي طئي هجڻ گهرجي جنهن ۾ ٻار جي خواهشن کي به سامهون رکيو وڃي. چڱو ڪم ڪرڻ تي تحفو ڪهڙو ملندو ۽ غلط ڪم ڪرڻ تي تنبيهه ڪيئن ڪبي؟ ان تي ٻارن کان راءِ ضرور وٺو. پوءِ جيڪو طئي ٿي ان کي لکي ڪري نمايان جڳهه تي لڳايو وڃي. (10) تحرير نمايان جڳهه لڳائڻ جا به فائدا آهن. هڪ هيءُ ته روزانو جي بنياد تي ٻار کي اصول ڏيکاري ڪري ان جي يادهاني ڪرائيندا رهو. ڇوته ٻار بعض دفعا وساري به ويندا آهن. ۽ ٻيو فائدو هي آهي ته غلط ڪم ڪرڻ تي جڏهن به تنبيهه ڪيو ته تحرير تي لکيل طئي شده تنبيهه ٻار کي ضرور ڏيکاريو ۽ ٻار کي ٻڌايو ته هن تنبيهه تي ٻار معاهدو ڪيو هو. اهڙي طرح جڏهن ٻار کي سزا ملندي ته هو والدين تي غصو ڪرڻ بدران پاڻ کي ملامت ڪندو ۽

آئنده ايئن ڪرڻ سان بچندو. (11) والدين تنبيهه ڪرڻ وقت ڪاوڙ جو اظهار نه ڪن. نه ته گهڻو فائدو حاصل نه ٿيندو. بهترين تنبيهه اها آهي جنهن ۾ تحمل جو مظاهرو هجي ته جيئن ٻار سوچڻ تي مجبور ٿي وڃي. ان ۾ شريعت جي تعليمات جو علم هجڻ نهايت ضروري آهي. ڇوته بعض صورتن ۾ اسان کي غصي ڪرڻ جي حڪم تي عمل ڪرڻو پوندو. (12) هر ممڪن ڪوشش ڪري ٻار کي Reward مطلوبه ڪم ڪرڻ کان فوراً بعد ڏيو. ڇو ته جيڪڏهن ٻار کي Reward پهريان ملي ويو ته هو مطلوبه ڪم نه ڪندو. جيڪڏهن Reward ڏيڻ ۾ دير ٿي وئي ته ان سان ٻار جي دل ٽٽي ويندي ۽ ايئن ٿيڻ تي تربيت ڪرڻ ۾ مشڪلات پيش اچي سگهن ٿيون. (13) جيڪو به Reward طئي ٿي اهو آسان ۽ سستو هجڻ گهرجي. مهانگو تحفو ڏيڻ ڪا معنيٰ نٿو رکي نه ته ٻار بگڙي به سگهي ٿو ۽ اوهان جي لاءِ مالي مشڪلات به پيدا ٿي سگهن ٿيون. (14) پنهنجي بُزرگن کان رهنمائي وٺندا رهو ڇوته پلائي بُزرگ سان گڏ آهي. اچو هاڻي آخر ۾ Reward ۽ Sanctions جون بهترين مثالون به سگهي وٺون ٿا

ٻار جي حوصله افزائي (Reward) جون مثالون: ٻار جي طرف توجهه سان ڏسڻ. ٻار جي طرف ڏسي مسڪرائڻ. ٻار کي پيار ڪرڻ ۽ سيني سان لڳائڻ. شاباش ڏيندي ٻار جي پٺي ٿڦڪڻ. ٻار جي ڳالهه توجهه سان ٻڌڻ ۽ ان جي سوالن جا جواب ڏيڻ. ٻار سان کيڏڻ. ان جي مثبت شين جي تعريف ڪندو رهڻ. کائڻ جي پسنديده شيءِ (جيڪا مضر صحت نه هجي) وٺي ڏيڻ. پسند جو رانديڪو وغيره وٺي ڏيڻ.

ٻار کي تنبيهه (Sanction) ڪرڻ جون مثالون:

خاموشي سان رُسي ڪري ناراضگي جو اظهار ڪرڻ. ڇهري کي ٻي طرف ڦيري ڇڏڻ. ٻار کي ٻڌائڻ ته مان فلاڻي ڪم جي ڪري ناراض آهيان. اسڪرين ٽائم کي گهٽ ڪري ڇڏڻ. پسنديده راند کان ٿوري دير جي لاءِ روڪي ڇڏڻ. ديوار جي طرف منهن ڪري ويهاري ڇڏڻ.

ٻارڙن جا 6 نالا (اپريل 2023)

نالو	معنيٰ	نسبت
عبدالرّحمٰن	”بهت مهربان“ کا بنده	لفظِ ”عبد“ جي اضافت سان اللّٰه پاڪ جو صفاتي نالو
اَحۡشَم	گهڻو وقار ۽ اطمينان وارو	اللّٰه جي آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو صفاتي نالو
اسماعيل	اللّٰه پاڪ جي اطاعت ڪرڻ وارو	اللّٰه پاڪ جي نبي عَلَیۡهِ السَّلَام جو نالو مبارڪ
اُمِّ اَيۡمَن	برڪت ۽ قوت واري	اللّٰه پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضاعي (يعني کير پيارڻ واري) ماءُ جو نالو
خَدِيجَہ	وقت کان پهريان پيدا ٿيڻ واري ٻارڙي	اللّٰه پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هڪ گهرواري جو نالو مبارڪ
اُمِّ ڪُلثوم	گوشت سان ڀَريل چهري واريءَ جي ماءُ	اللّٰه پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڌيءَ جو نالو مبارڪ

رمضانءِ شوّال شريف جا ڪجھ اهم واقعات

تاريخ/ مهينو/ سال.	نالو/ واقعو.	وڌيڪ معلومات جي لاءِ پڙهو
13 رمضان شريف 253ھ	يومِ وصال ڪامل ولي حضرت سري سقطي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه	ماهوار فيضانِ مدينہ شعبان شريف 1438ھ
15 رمضان شريف 3ھ	يومِ ولادت حضرت امام حسن مُجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡه	”امام حسن جون 30 حڪايتون“
17 رمضان شريف 2ھ	يومِ بدر ۽ شهداءِ غزوهءِ بدر اسلام ۽ ڪفر جي پهرين جنگ.	”سيرتِ مصطفيٰ، صفحو 209 کان 245“
17 رمضان شريف 57 يا 58ھ	يومِ وصال اُمُّ المؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا	ماهوار فيضانِ مدينہ رمضان شريف 1438 کان 1440ھ ۽ ”فيضانِ اُمّهاتُ المؤمنين“
20 رمضان شريف 8ھ	فتحِ مڪہ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم ڪاميابي جو ڏينهن	ماهوار فيضانِ مدينہ رمضان 1438 ۽ 1439ھ
21 رمضان شريف 40ھ	يومِ شهادتِ مولا علي مُشڪل ڪُشاء،	شيرِ خُدا حضرت عليُ الۡمُرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنۡه ”ڪراماتِ شيرِ خُدا“
22 رمضان شريف 1326ھ	يومِ وصال شهنشاهِ سُخن، مولانا حسن رضا خان رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه	ماهوار فيضانِ مدينہ رمضان 1438 ۽ 1439ھ
رمضان شريف 2ھ	وصال صاحبزادي رسول حضرت بيبي رُقيه رَضِيَ اللهُ عَنۡهَا	”سيرتِ مصطفيٰ، صفحو 694، 695“



ليلة القدر جون خاصيتون

ليلة القدر جي اهميت

ليلة القدر اسلام ۾ هڪ خاص رات آهي جيڪا هر سال رمضان جي مهيني ۾ ٿيندي آهي ۽ هن مقدس مهيني جي آخري ڏهن ڏينهن مان هڪ آهي. ليلة القدر رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ سڀ کان اهم رات آهي، جڏهن مسلمان ان دوران عبادت ڪرڻ، ياد ڪرڻ ۽ خدا کي دعا ڪرڻ جو شوق رکن ٿا. الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ان جي فضيلت جو ذڪر ڪندي فرمايو ته ”اسان ان کي شب قدر ۾ نازل ڪيو“ ۽ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن اسان کي ان جي سنڀال ڪرڻ ۽ ان کي زنده ڪرڻ جي تلقين ڪئي. ليلة القدر جي خواهش ۽ ان ۾ الله جو فيصلو ٻانهن لاءِ هزار مهينن جي فيصلي کان بهتر آهي، تنهن ڪري مسلمان هن بابرڪت رات ۾ الله تعاليٰ کان دعائون گهرندا آهن،

شب قدر ڪيئن عطا ٿي

مسلمان ليلة القدر جي وجود تي يقين رکن ٿا، اها هڪ برڪت واري رات آهي جنهن ۾ قرآن پاڪ نازل ٿيو ۽ ان جي تاريخ جو تعين قرآن ۽ سنت رسول الله ﷺ مان ثابت ٿئي ٿو. قرآن پاڪ جي پهرئين آيت سورت القدر ۾ ان ڳالهه جو ذڪر آهي ته قرآن ان ۾ نازل ٿيو ۽ سورت الذاريات ۾ پڻ ارشاد آهي: ”قسم آهي حڪمت واري قرآن جو. رمضان المبارڪ جي بابرڪت رات ۾ نازل ٿيو، ۽ اهو ان جي وجود جي ڏينهن جي تحقيق ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

حضرت عَبْدُاللہ بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡھُمَا فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ بني اسرائيل جي هڪ شخص جو تذڪرو ٿيو، جنهن هڪ هزار مهيني الله ڪريم جي راھ ۾ وڙهيو. صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان کي ان بابت گهڻو تعجب ٿيو ۽ تمنا ڪرڻ لڳا: ڪاش! انهن جي لاءِ بہ ائين ممڪن هجي ها. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله ڪريم جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ ڪريم! تو منهنجي اُمّت کي ننڍي عمر عطا ڪئي آهي، هاڻ انهن جا عمل بہ گهٽ ٿيندا. تہ الله ڪريم پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شبِ قدر عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايو: اي محمد(صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) !شبِ قدر هزار مهينن کان بهتر آهي جيڪا مون تون کي ۽ تنهنجي اُمّت کي هر سال عطا فرمائي آهي. اها رات رمضان ۾ توهان جي لاءِ ۽ قيامت تائين ايندڙ توهان جي اُمّتين جي لاءِ آهي، جيڪا هزار مهينن کان بهتر آهي.